Gaj

چرينر ڪوش

”آزاديءَ جي ڏيت ۾ سنڌ جو ڀاڱو“
جي سلسلي جي ڪڙي

ٻلديو ٽي. گاجرا

97

G-3 (61)

چريتر ڪوش

”آزاديءَ جي يڌ ۾ سنڌ جو ڀاڱو“

جي سلسلي جي ڪڙي

سمپادڪ:

ٻلديو ٽي. گاجرا

ڀارتواسي آفيس

٤٤، اگياري لين، فورٽ، بمبئي-١

فهرست

	صفحو
ٻه اکر - موٽيرام رامواڻي	
مهاڳ - ٻلديو گاجرا	
سنڌ جو شاندار اتهاسڪ ورثو	١
آزاديءَ جا اپاسڪ ضلع وار (باب ٻيون)	١۴
ڪراچي ضلعو	١۵
حيدرآباد ضلع	٣١
نوابشاهه ضلع	٣٢
لاڙڪاڻه ضلع	٣٣
جيڪب آباد ضلع	٣۵
سکر ضلع	٣٦
دادو ضلع	٣٨
ٿرپارڪر ضلع	٣٩
خيرپور رياست	۴٠
سنڌ جا ڪي يگانا سنگرامي پرِوار	۴١
سنڌ جا ڇهه شهيد (باب ٽيون)	۴۵
ضميمو ١	١
ضميمو ٢	٨

Printed by :

Vasudev G. Wadhwani
Sundri Printing Press,
Near Municipal School,
Gandhi Bazar Road,
Chembur Colony,
Bombay – 400 074
Phone : 555 09 74

December 1990

Copies 1000

Price Rs. 15/—

Published by :

Baldev T. Gajra
44, Agiari Lane
Fort, Bombay–1

بلڪل ٿوري تعداد ۾ فوٽا ميسر ٿي سگھيا، تنهن ڪري گاجرا صاحب فوٽن ڇپڻ جي ڪاري کي ٽياڳ ڪيو آهي.

هي ڪتاب ٽن بابن ۾ آهي. پهرين باب ۾ سنڌ جي اتهاسڪ ورثي تي خاصي روشني وڌل آهي، دهرايو ويو آهي: ”سنڌ جو هڪ عاليشان اتهاس آهي ۽ شاندار ورثو. سنڌ جي سنسڪرتي، شايد ڀارت ۾ پراڻي ۾ پراڻي آهي. موهن جو دڙو ۽ ڪاهوءَ جو دڙو ان جي ساک ڀرين ٿا. ’سنڌ‘ تان ’هند‘ کي نالو مليو. سنڌو درياهه جي ڪناري تي ويدن جو گيان رشين کي ارشاد ٿيو. سنڌ جو نالو مهاڀارت ۾ به اچي ٿو. سنڌ جي راجا جئدرٿ ڪسي ڪورون جي فوج ۾ اعليٰ پد مليل هو. اها ڳالهه عالم آشڪار آهي.

ٻئي باب ۾ سنڌ جي هرهڪ ضلعي، جهڙوڪ ڪراچي، حيدرآباد، نوابشاهه، سکر، ٿرپارڪر، دادو، لاڙڪاڻي ۽ جيڪب آباد مان آزاديءَ جي اُپاسڪن جا نالا ملي سگھيا آهن، تن کي ضلعي وار لسٽ ۾ ڏنا ويا آهن.

جدا جدا ضلعن جي مکيه هستين، تاريخي ڳالهين ۽ واقعن کي دهرائي، ضلعن جي اهميت کي تاريخي، لحاظ کان اُڀاريو ويو آهي.

سنڌ جا ڪي يگانا سنگرامي پريوار ۽ ڪٽنب جن سوراج جي سنگرام ۾ پاڻ موکيو ۽ هوميو، تن جو وستار ڪري اسان ۾ اهڙن ڪٽنبن لاءِ اوچ ڀاونائون پيدا ڪري فخر وٺڻ جو موقعو ميسر ڪيو آهي.

ٽئين باب ۾ ”سنڌ جي ڇهن شهيدن“- سيٺ هرچندراءِ وشنداس، دتاتريه، مينگهراج لالا، هاسارام پمناڻي، هيمون ڪالاڻي ۽ الله بخش سومرو جو تفصيلوار ورڻن ڪيل آهي.

ضميمي ۾ اسهڪار هلچل واري دور ۾ راجنيتي جي

ٻه اکر

شري ٻلديو گاجرا سان مترتا جو ناتو ڳچ وقت کان اٿم. سنڌي ساهت جي ڏس ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ سبب، پاڻ ۾ گهاٽي لهه وچڙ ۾ اچڻ ٿيو آهي. هن وقت انهن ڳالهين جي حد انهيءَ منزل تي رسيل آهي، جو هر هفتي ۾ ٻه دفعا گڏجڻ ۽ رهاڻيون ڪرڻ نيمانتي ڳالهه ٺهجي چڪي آهي.

ٻلديو گاجرا "آزاديءَ جي يڌ ۾ سنڌ جو ڀاڱو" ڇهن مهنن جي عرصي ۾ رات ڏينهن هڪ ڪري لکي ۽ ڇپائي، هڪ چمتڪار ڪم ڪري ڏيکاريو. انهيءَ بعد انگريزيءَ ۾ گرانٿ جو سنڌي گرانٿ جو ترجمو ڪيو هو، پر الڳ رتا هيٺ جدا ڪتاب هو. ٻيون ڪتاب جنهن باري ۾ سندس يوجنا هئي سو هو: "سنڌي سوتنتر سنگرامين جو چريتر ڪوش."

ديس جي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ جدا جدا هلچلن جي دور ۾ اٽڪل ٽي هزار سنڌي جيلن ۾ ويا هئا. ٢٠٠ ڄڻا ١٩٢١ واري اسهڪار هلچل ۾، ٦٠٠ ڄڻا ١٣٩٠ جي لوڻ واري ستياگرهه ۾، ١٢٠٠ ڄڻا ١٩٣٢ واري سول نافرماني واري هلچل ۾ ۽ ٢٦٠٠ ڄڻا ١٩٤٢ واري "ڪئٽ انڊيا" واري هلچل ۾. هن گرانٿ جي ڏس ۾، "ڀارتواسي" ۾ جدا جدا پڌرايون ٿينديون رهيون ته سوتنترتا سنگرامي پنهنجو بيان ۽ فوٽو ڏياري موڪلين.

انهيءَ ڏس ۾ ڌرابل ويتين ڪندي به گهربل ساٿ ۽ سهڪار نه ملي سگهيو. حالتون وس کان ٻاهر ٿي پيون. ٻلديو گاجرا وٽ جيڪي ڪو مصالحو موجود هو، تنهن کي ڇاپي ظاهر ڪرڻ هن ضروري ۽ فرضي ڪاريه ڪري سگهيو.

مهاڳ

هي ڪتاب، اٽڪل ٽي سال اڳ، ڏانيو ويو هو. آزاديءَ جي پٺ ۾ سنڌ جي ڀاڱي جي باري ۾ جو سلسلو رٿيو ويو هو تنهن جو هيءُ ڪتاب انگ ٽيهو هو. "آزاديءَ جي پٺ ۾ سنڌ جو ڀاڱو" سنڌيءَ ۾ ڇپجي ١٩٨٧ ۾ ظاهر ڪيو ويو. سال ڪانپوءِ اهو ساڳيو ڪتاب انگريزيءَ ۾ تيار ڪري ظاهر ڪيو ويو. ان ڪتاب جي چوڌاري ساراهه، نڪتي. ڪالمسٽ ايم. وي. ڪامٿ لکيو ته اڄ ڪان وٺي، سال پوءِ ماڻهو تنهنجي هن ڪتابا جي ڳولها ڪندا. اوڙيسا جي اڳئين مکيه منتري، جو مهاراشٽرا جو گورنر به ٿي رهيو آهي تنهن لکيو ته، توهان، نه فقط سنڌ جي ڀاڱي جو ورڻن ڪيو آهي، پر تو ڀارت جي آزاديءَ جي پٺ جو مقصد ۽ مطلب سمجهايو آهي. دل ۾ چاهنا پئي رهي آهي ته اهو ڪتاب هنديءَ ۾ به ڇپجي.

هن سلسلي ۾ رٿا هئي ته آزاديءَ جي پٺ ۾ جن سنڌين ڀاڱو ورتو آهي تن جو چرتر ڪوش تيار ڪجي. سنڌ مان اٽڪل ٻه هزار سڄڻ جيلن ۾ ويا هئا. انهن ٻن هزارن جي جيون ريکا ۽ ٿي سگهي ته سندن فوٽا هٿ ڪرڻ هڪ تمام مشڪل مسئلو بڻجي پيو. ٻه سال ساندهه اخبارن ۾ اپيلون وجهندو رهيس ته سنڌ جا ستياگرهي يا انهن جا پونيان گهربل تفصيل موڪلين. پر موٽ همٿائيندڙ نه هئي. مشڪل سان وٽن چاليهن جا تفصيل آيا. تنهن وچ ۾ مان بيمار ٿي پيس ۽ ڏيڍ سال کان گهر ۾ بستري داخل آهيان. تنهن سواءِ اکين ۾ موتيو پاڻي اچي ويو. آپريشن ڪامياب نه

جدا جدا ڏوهن هيٺ جن کي سزا ڏني وئي، ان جا نالا مهاراشٽرا سرڪار ٻاران ڇپايل ڪتاب مان ورتل ڏنا ويا آهن.

ٻلديو گاجرا کي هن ڪتاب ۾ ڏهٽو کي ڏيٺو آهي. پر حقيقتن جي حالت سبب، ٻاوران ٻلديو، ٻيو سڀ ٻڌجي، سنڌي سماج اڳيان هي ڪتاب ڌري رهيو آهي، اهو ٻه ڪو گهٽ ڪارج نه آهي. الهاسي ورق روشن ٿين، اهڙي ڪارج جو سواگت ڪرڻ اسانجو اهم فرض آهي.

موتيرام ايس. رامواڻي

سنڌ جو شاندار اتهاسڪ ورثو

سنڌ کي اُلاجي ڇو "سُتل ماٿري" (Sleeping hollow) ڪري سڏيو اٿن. سنڌ جو هڪ عاليشان اتهاس آهي ۽ شاندار ورثو. سنڌ جي سنسڪرتي شايد ڀارت ۾ پراڻي ۾ پراڻي آهي. موهن جو دڙو ۽ ڪاهوءَ جو دڙو ان جي ساک، ڀرين ٿا. "سنڌ" تان "هند" کي نالو مليو. سنڌو درياءَ جي ڪنڌي تي ويدن جو گيان رشين کي اُرشاد ٿيو. سنڌ جو نالو مها ڀارت ۾ به اچي ٿو. سنڌ جي راجا جئدرٿ کي ڪورون جي فوج ۾ اعليٰ پد مليل هو. اها ڳالهه عالم آشڪار آهي.

مها ڀارت جي اديوگ، پرو ۾ سنڌ جي باري ۾ ٻي هڪ ڪٿا درج ٿيل آهي جا نهايت ئي دل اُٿاريندڙ ۽ پريرڻا ڏيندڙ آهي. سنڌ جي هڪ راڻي ودلا ديوي هئي. سنڌس پتيءَ کي ڪي دشمن يُڌ ۾ شڪست ڏيئي قتل ڪري ويا. دستور موجب ودلا کي ستي ٿيڻو هو، پر هن جي ڪک، ڀريل هئي انڪري هوءَ ستي نه ٿي ۽ پيٽ ۾ ان ٻار کي پاليائين لاليائين ان آشا ۾ ته هو جمندو، وڏو ٿيندو ته پنهنجي پتا جي خونيءَ کان اوس بدلو چڪائيندو.

ودلا ديويءَ وڏا ئي ڪشٽ ۽ ڪشالا ڪڍيا، ڪيس پٽر سنتان ٿيو. ٻالڪ کي ورهين جا ورهيه ويرين جي پهچ کان پري سلامتيءَ واري آستان ۾ سنڀاليائين. ڪڏهن وڻن ۾، ڪڏهن ٻن ۾، ڪيس لڪائيندي رهي. اج نديو سپان

ٿي ۽ لکڻ پڙهڻ کان مجبور آهيان. ننڍي طور، دل جي
چاهنا پوري ٿئي ۽ چرتر ڪوش جئن چاهيم ٿي، ائين تيار
ٿيڻ جي ڪا به آشا نظر نٿي اچي.

ان ڪري چرتر ڪوش جي ڀومڪا طور ڪجهه مصالحو
هٿ ڪري ستن صفحن تيار ڪري ڇپايا ويا هئا. انهن
ستن صفحن ۾ ڇڪيرو مصالحو ڏنو ويو آهي، مثلن سنڌ جي
جدا جدا ضلعن جي ڪارڪنن جي اهميت، جدا جدا ضلعن
مان جيلن ۾ ويل ستياگرهين جا نالا (جيترا ملي سگهيا آهن)
آزاديءَ جي پڄاڻي ۾ مکيه ڪارڪنن جي ورتل پارٽ جو ذڪر،
جن سرڪاري عملدارن نوڪريون ڇڏيون، جن وڪيلن
وڪالت بند ڪئي، جن سرڪاري لقب ڇڏيا، تن جا نالا
به ڏنا ويا آهن.

هن مصالحي هٿ ڪرڻ لاءِ سرڪاري ڪتابن، راشٽروادي
چيتانند جي ڪتابن ۽ شري ميٺارام ڪلاڻيءَ جي ڪتاب
مان مدد ملي آهي. مان اها دعويٰ نٿو ڪري سگهان ته
مڪمل تصوير ڏيئي سگهيو آهيان، پر جيتري قدر ممڪن
ٿي سگهيو آهي، اوتري قدر مون مصالحو ڏنو آهي.

شري ميٺارام ڪلاڻيءَ جي ڪتاب ۾ شري جئرامداس
دولترام پنهنجي مهاڳ جي دوران لکيو ته مان چاهيندس
ته جيئن شري ميٺارام ساٿيءَ جي پاران جو ڪتاب لکيو
آهي، تئين ڪو سڄڻ جاڳندو جو سڄي سنڌ جي پاران جو
ورثو تيار ڪري شايع ڪندو. مان دادا جئرامداس جي
آشا کي ڪنهن حد تائين پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي
آهي. ساڳيءَ طرح مان به چاهيندس، ته ڪو سڄڻ اڳري جو
اڪيل چرتر ڪوش مڪمل روپ ۾ تيار ڪري، تنهن وچ
۾ هي ڀومڪا جو پاڱو ڇاپي پڌرو ٿو ڪريان، ته مٿان اهو
بار رهجي نه وڃي.

٢٦ جنوري ١٩٩١ — بلديو گاجرا

ڪشمير تائين ڦهليل هيون ۽ اوير ۾ قنوج تائين.

سنڌ ڌارين لاءِ هندستان اندر داخل ٿيڻ لاءِ دروازو هئو ۽ سنڌين ٻاهرين حملن جو وقت به وقت مقابلو ڪيو. پراڻي زماني ۾ دارا ۽ سڪندر سان به سنڌ مقابلو ڪيو ۽ عربن سان به سنڌ ئي ٽڪر کاڌو.

انگريز، جي هندستان ۾ واپاري ٿي آيا ۽ پوءِ ٺڳيءَ ۽ دولاب سان هن ديش جا حاڪم بڻيا، تن آخر ۾ ئي سنڌ ۾ پنهنجون نظرون وڌيون ۽ ١٨٤٣ ۾ سر چارلس نيپيئر سنڌ فتح ڪئي. هونئن به انگريزن جـــي هندستان تي قبضي ڪرڻ جـي سموري ڪهاڻي هڪ دوکي ۽ دولاب جـي ڪهاڻي آهي، پر خاص طور تـي سنڌ جنهن نموني هٿن فتح ڪئي سو انگريزن جي اتهاس ۾ مٿن ڪارهن جو داغ ٿي رهندو. سنڌ جي ميرن ڪين افغانستان تي حملو ڪرڻ لاءِ فوج موڪلڻ لاءِ رستو ڏنـــو. اُتان هار کائي موٽيا ته پنهنجي شان بچائڻ لاءِ هٿن سنڌ ورتي.

فاتح سپهه سالار، سر چارلس نيپيئر، پاڻ قبول ڪيو آهي ته مون سنڌ وٺڻ ۾ پاپ جـو ڪم ڪيو آهي .(I have sinned)

ڀارت جي آزاديءَ جي يڌ جي اتهاس ۾ پڻ سنڌ جيڪو يوگدان ڏنو آهي سو اسانجي اتهاس جو هڪ عاليشان ورق ٿي رهندو. ٻين پرانتن جي ڀيٽ ۾ سنڌ ڪنهن به نڪته نظر کان پوئتي ڪانه پيئي؛ جيڪو سو آدمشماريءَ جي لحاظ کان سنڌ ٻين کان اڳڙي ئي رهي.

مهاتما گانڌيءَ ١٩١٦ ۾ سنڌ جي دوري تان واپس موٽي سنڌي جنتا ۽ سنڌ جـي سيوڪن لاءِ بمبئيءَ جـي هڪ اخبار نويس کي چيو ته سنڌ ۾ مونکي زبردست راشٽر ڀاونا

وڏو ٿي نگر نيت ساڻاٽو ۽ ڪٽرپڻ جي وديا پرائي وڏو جوڌو اٿيو.

انهن ولاديوءَ پنهنجي پٽ کي چيو ته جنهن ڏينهن لاءِ مون هيترا ورهيه پئي نهاريو سو ڏينهن اڄ اچي ويو آهي. تون جوان ٿيو آهين، هاڻ اُٿي لڙائي ڪر، دشمن کي دفع ڪري پنهنجو راڄ هٿ ڪر.

ماتا جا اهي وچن ٻڌي هو سوچ ۾ پئجي ويو.

وراڻيائين: ”جيڪڏهن مان جنگ ۾ لڙندي اتفاق سان مري وڃان ته پوءِ تنهنجي سار سنڀال ڪير لهندو؟“

اهو ٻڌندي ولاديوءَ کي ڪاوڙ وٺي ويئي. چي: ناحق ويم جا سور سٺم، اجايو توکي تاتڻ تي جند ڳاريم. ديش وڃائي، هيءَ اپجس جي جيون گهارڻ گهڙي ڪم جي؟ سچي سپاهي دونهون ڪيندو رهڻ کان ته بهتر آهي ته هڪ گهڙيءَ جي باهه جي جهڙي ڪيجي. هيئن ونرت لنبي جيئڻ کان پلڪ لاءِ جلوو ڏيکاري جان ڏيڻ صد بار بهتر. هي پٽ! منهنجي گود گلاري نه ڪر ۽ ويرتا جي واٽ نه ڀلاءِ. گهور يڌ جي ميدان تي ويريءَ تي وار ڪري، وجيه جو ناد وڄاءِ.

ماتا جي اهڙي اُتساهه پرئي آديش تي هو جنگ ۾ گهڙيو ۽ پنهنجي پراڪرم سان پتا جو وڃايل راڄ وري هٿ ڪيائين.

فخر جي ڳالهه اسان لاءِ هيءَ آهي ته اهڙا ڪيا ماتا ڪنتيءَ پانڊو پٽن کي ڪري ٻڌائي ان لاءِ ته هو به اُٿي لڙن ۽ پنهنجو وڃايل راڄ وري هٿ ڪن.

پراچين لڳ کي ڇڏي وچين زماني ۾ اچجي ته انهن به ڏسبو ته سنڌ جون سرحدون اُتر ۾ ڪڏهن ملتان، قندار ۽

پنهنجي سموري جيون ديش لاءِ ارپڻ ڪئي. ايتري قدر جو پاڪي گرهست جي زندگين ۾ ڪين جهڙائين؛ رئيس غلام محمد ڀرڳڙي به ڪو عرصو آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري ٿيو؛ خان بهادر الله بخش جنهن کي آل انڊيا نئشنلسٽ مسلمانن جي ڪنوينشن جو پريزيڊنٽ مقرر ڪيو ويو ۽ جنهن قوميت جي صدقي پنهنجو سر ڏنو.

پارسي جاتيءَ ۾ مهان وڪتيون ڏنيون: شري جمشيد نسروانجي مهتا جو قومي شڪتين جو وڏو سهارو هو ۽ شري رستم ڪي. سڌوا جو سرگرم سوتنترتا سنگرامي هو ۽ جو آزاد ڀارت ۾ هند سرڪار ۾ گرهه وڀاڳ جو راجيه منتري مقرر ڪيو ويو.

سنڌ قوميت جو پرچار ڪندڙ اعليٰ اخبارون ۽ اخبار-نويس پيدا ڪيا؛ پراڻي زماني ۾ ساڌو هيرانند ۽ شري جيٺمل پرسرام جهڙا چمتڪاري ۽ نڊر سمپادڪ ٿي ويا. سنڌ جي ”هندو“ (هاڻ ”هندستان“) اخبار جو لاثاني رڪارڊ آهي جنهن ۱۹۲۱ جي هلچل ۾ اٺ سمپادڪ جيل ۾ موڪليا ۽ ۳۲-۱۹۳۳ ۾ ضبطين پٺيان ضبطين باوجود اخبار نڪرندي رهي ۽ قوميت جي جوت جڳندي رهي.

سنڌ ٽولارام مينگهراج ڀالاڻي، ڪشنچند تيرٿداس کٽري (بيوس)، هوندراج ليلارام (دکايل)، پروفيسر رام پنجواڻي، شريمتي سرسوتي ديوي، جهڙا ڪوي ۽ گائڪ پيدا ڪيا جن پنهنجن رچنائن ۽ سنگيت سان ديش پريم جي جوالا کي ٻي جڳايو.

هن صف ۾ هڪ انوکو ڪوي، گائڪ ۽ پرچارڪ هو پروفيسر هاسانند جو هڪ انوکي هستي هو. هنجي ٻوليءَ ۾ پنهنجو يگانو لطف هو، هنجو ثاني شايد مشڪل پيدا ٿئي.

ڏسڻ ۾ آئي، خود بمبئيءَ کان به سرس.

١٨٥٧ کان وٺي ١٩٤٧ تائين جيڪي به آزاديءَ جا لهرڪ هليا آهن انهن سڀني ۾ سنڌ ۽ سنڌين شاندار پارٽ ورتو آهي.

ڪانگريس جي جهنڊي هيٺ هندي آزاديءَ جي آندولن ۾ سنڌ ڇهه وير ماترڀوميءَ جي مٿان نڇاور ڪيا جن شهادت جو جام پي امر پد کي پراپت ڪيو. ويسر پووڪ هيمون ڪالاڻي جنهن کي ريلوي لائين سان همت ڇراند ڪرڻ ڪارڻ ڦاسيءَ جي سزا ملي؛ وير دتاتريه ۽ ميگهراج للا جي ١٩٣٠ ۾ ڪراچيءَ ۾ پوليس جي گولي بازيءَ ۾ شهيد ٿيا؛ ويسر خان بهادر الله بخش سومرو، جنهن پنهنجي مهاڀاري پد هلندي هندستان کي زوريءَ جنگ ۾ گهيڙڻ خلاف آواز اٿاريو جنهن ڪري گورنر کيس مکيه منتريءَ جي پد تان هٽائي ڇڏيو ۽ پوءِ مسلم ليگين کيس سنڌس قوميت جي ويچارن ڪارڻ خون ڪيو؛ وير هاسارام پمناڻي جو فرقيپرستيءَ جو شڪار ٿيو ۽ وير هرچندراءِ وشنداس جو بيماريءَ جي بستري تان اُٿي دهليءَ ڏانهن سائمن ڪميشن بائيڪاٽ جي ٺهراءَ تي اسيمبليءَ ۾ ووٽ ڏيڻ لاءِ ويو ۽ اُتي مرتيوءَ جي سيجا تي ليٽيو.

سنڌ اعليٰ نيتائن کي جنم ڏنو آهي. آچاريه جيوترام ڪرپالاڻيءَ ڪانگريس پريزيڊنٽ جو پد سينگاريو؛ شري جئرامداس دولترام جنهن لاءِ مهاتما گانڌيءَ چيو هو ته هو سون جيان سچو آهي، سو سالن جا سال ڪانگريس ورڪنگ ڪاميٽيءَ جو ميمبر هئو ۽ ڪو عرصو آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري ٿي رهيو. ديس جي آزاد ٿيڻ بعد هُن گورنريءَ جو پد سينگاريو ۽ پڻ مرڪزي سرڪار ۾ منتري ٿي رهيو. ڊاڪٽر چوئٿرام گدوائي

ڇپائون ۽ سرڪار جي اوگهڙ ڪئي. ١٩٢٠-١٩٢١ واري اسهڪار ۽ خلافت هلچل ۾ به سنڌ اڳري رهي. سنڌ مان جيترا ماڻهو جيل ۾ ويا اوترا سڄي بمبئي پرانت مان نه ويا. اٽڪل ٢٠٠ سنڌي سوتنترتا سنگرامي جيل اماڻيا ويا ۽ سڄي ديش مان اٽڪل ٢٥٠٠ مسلمان جن خلافت تحريڪ جي سلسلي ۾ هجرت ڪئي تن ۾ گهڻي ۾ گهڻا سنڌي هئا. ڪائونسل بهشڪار هلچل ۾ سنڌ جو پهريون نمبر رهيو. گهٽ ۾ گهٽ ووٽ سنڌ ۾ داخل ٿيا. ڪيترن سرڪاري نوڪرن سرڪاري نوڪريون ڇڏيون.

١٩٣٠ ۾ لوڻ جي ستياگرهه ۾ سنڌ مان اٽڪل ٦٠٠ ڄڻا جيل ۾ ويا. پنجن سنڌين جو هڪ جٿو سي. ٽي. وليچا جي اڳواڻيءَ هيٺ ڊانڊي مارچ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ روانو ٿيو. اهو مهاتما گانڌيءَ جي آديش هيٺ سنڌ ۾ موٽي آيو ۽ اتي اچي هتي ستياگرهه ۾ ڀاڱو ورتو. ليڪن جيڪا ٽولي مهاتما سان گڏ رواني ٿي هئي تنهن ۾ هڪ سنڌي متر شري آنند هنگوراڻي به هو.

ڌارسانا ستياگرهه ۾ به سنڌ جو هڪ جٿو شري هريرام ماڙيوالا ۽ شري شيوڪ ڀوڄراج جي سربراهيءَ هيٺ شريڪ ٿيو.

١٩٣٢ جي سول نافرماني تحريڪ ۾ اٽڪل ١٢٠٠ سنڌي سپاهي جيلن ڏانهن ويا ۽ ڪيترن جون ملڪيتون ضبط ڪيون ويون.

١٩٤٢ جي "ڀارت ڇڏي وڃو" جي هلچل ۾ پڻ سنڌ پاڻ ملهايو. سنڌ ۾ به زير زمين ۽ ساڙ ٻاڙ جون ڪارروايون ڪاميابيءَ سان ڪيون ويون. ٢٦٠٠ ماڻهو هن هلچل ۾ سنڌ

١٨٥٧ع جي سوانترتا سنگرام ۾ سنڌ به ڀرو ورتو ۽ شڪارپور، سکر ۽ حيدرآباد ۾ سپاهه بلوي ۾ شامل ٿيو ۽ عام جنتا سنڌن همراهي ڪئي. ١٨٥٧ واري بلوي جي دٻجي وڃڻ کانپوءِ جا نئين جاڳرتا جي لهر آئي تنهن جو پڙاڏو سنڌ ۾ به آيو. سنڌ ۾ به قومي سڀائون سٿاپن ٿيون ۽ رشي ديارام گدومل ۽ سادو هيرانند جهڙا اعليٰ قومي رهبر پيدا ٿيا. ١٨٨٥ واري پهرئين ڪانگريس اجلاس ۾ سنڌ مان ٻه ٻه ڊيليگيٽ شريڪ ٿيا- ڏيارام جيٺمل ۽ اڌارام مولچند.

١٩١٣ ۾ ڪانگريس جو اجلاس ڪراچيءَ ۾ ٿيو. ١٩١٤ ۾ ملڪ جي رومالن جي منصوبي ۾ عبيدالله سنڌي شريڪ ٿيو هو ۽ شيخ عبدالمجيد به ان سلسلي ۾ جيل اماڻيو ويو. آچاريه ڪرپالاڻي جو پاڻ ڏيڻو شيخ جلاوطن ڪيو ويو. عبيدالله ته ڪابل وڃي راجا مهيندر پرتاپ جي مهنداريءَ هيٺ آزاد هند حڪومت برپا ڪئي هئي جنهن ۾ هو خود گرهه منتري بڻيو ۽ وزير اعظم هئو گدر پارٽيءَ جو برڪت الله. عبيدالله اصل هڪ پنجابي سک هو. سوامي گوونداننڊ ڪوماگاٽا مارو جهاز واري منصوبي ۾ شامل هو ۽ جيل موڪليو ويو. انقلابين لاءِ سنڌ هڪ پناهه ۽ سلامتيءَ جو اڏو بڻجي پيو ۽ ڪيترائي انقلابي حيدرآباد ۾ اچي پاڻ ڇپائي رکندا هئا.

هوم رول هلچل ۾ سنڌ ۾ جٿي ڪئي ڊاڪٽر اينـي بيسنٽ ٽوڙي لوڪمانيه تلڪ جي هوم رول ليگ، جون شاخون برپا ڪيون ويون. پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ رولٽ ائڪٽ خلاف تحرڪ ۾ شري جيٺمل پرسرام، شري هرسوام مارڙيوالا ۽ شري درگداس آڏواڻي ترنگ، ڏانهن موڪليا ويا جو هنن رولٽ ائڪٽ خلاف چوني ٻون

مهوترا جو ڪراچيءَ جو ميئر ٿيو ۽ جو هتي هندستان ۾ اڇوت ڪانپو ڪيترن ئي ڏينهن ۾ اسانجو راجدوت ڪري موڪليو ويو؛ شري روچي گناترا جو هتي اڇوت بعد ممبئيءَ جو ميئر چونڊيو ويو؛ شري هيرالعل گناترا جو به سنڌ ۾ ڪراچي جو ڊپٽي ميئر چونڊيو ويو هو؛ ڊاڪٽر پوپٽلعل پوپٽڪر جو ڪانگريس ٽڪيٽ تـــي سنڌ اسيمبليءَ تي چونڊيو ويو ۽ جنهنجو سپتر هتي مهاراشٽر ۾ منتري پد تي رسيو؛ شري نارائڻداس انندجي ٻيچر، ڪراچيءَ جو پرسد مزدور نيتا جو به سنڌ اسيمبليءَ لي چونڊيو ويو؛ شري هري داس لعلجي جو ڪراچيءَ جي پرسد واپاري سنستا بايرس ۽ شپرس چيمبر جـــو چيئرمن بڻيو، شري مولجي وشرام ترسي، شري مني لعل وياس، شري ڀڳوانداس، شري لعلچند پاناچند شاهه، شري بال مڪند ڪنا وغيره.

سنڌ جڏن جو مسلم گهڻائيءَ وارو پرانت هـئو انڪري ٻين پرانتن جيان سنڌ ۾ به مسلمانن وڏي تعداد ۾ آزاديءَ جي يڌ ۾ ڀاڱو ڪونه ورتو، اُن هوندي به سنڌ ڪيترائي مسلم سوتنتر سنگرامي ڏنا. ١٩٢١ واري اسهڪار ۽ خلافت هلچل ۾ سنڌ مان مسلمانن جو وڏو جٿو هجرت ۾ شريڪ ٿيو. ١٩٣٠، ١٩٣٢ ۽ ١٩٤٢ جي تحرڪن ۾ به ڪيترائي مسلم سئنڪ جيل ۾ ويا. خان بهادر الله بخش سومري پنهنجن خطابن جو تياڳ ڪيو جنهنڪري مکيه وزيريءَ جي پد تان هٽايو ويو ۽ پوءِ شهيد ٿيو. مولوي محمد صادق، برڪت علي آزاد، علي مڪراني، محمد امين کوسو، مولوي عبدالڪريم چشتي، مولوي محمد مُعاذ ڪي ٻيا مکيه مسلم سنگرامي هئا. محمد امين کوسو اڪيلو مسلم اڳوان هو جو ڪانگريس ٽڪيٽ تي اسيمبليءَ لي چونڊيو ويو هو. پنجاب مان

مان جيل ڏانهن ويا.

پارليامينٽري پروگرام ۾ به سنڌ پوئتي نه رهي ۽ ديس جي ورهاڱي کان اڳ وارين چونڊن ۾ ڪانگريس سموريون ٢٢ جنرل (غير مسلم) جڳهيون کٽيون.

سنڌ گهٽ ۾ گهٽ به ڪٽنب نهرو خاندان جهڙا پيدا ڪيا جن جا ڪيترا سارا ڀاتي سوتنترتا سنگرام ۾ شريڪ ٿيا. ساهتيءَ ۾ شري سچانند ڦيرومل ٿاواڻي ڪٽنب - شري سچانند پاڻ جيل ۾، سندس ٻه پٽ استرين سميت جيل ۾ ۽ سندس هڪ پرڻيل ڌيءُ جيل ۾. ٻيو هو آچاريه گدواڻيءَ جو ڪٽنب. آچاريه آسودومل خود جيل ۾. سندس ڀاءُ عالم جيل ۾، سندس زال گنگا جيل ۾، سندس ڀيڻ پاربتي جيل ۾.

سنڌي ديش ڀڳتن سنڌ کان ٻاهر به وڃي پنهنجو ۽ سنڌ جو نالو روشن ڪيو. آچاريه جيوترام ڪرپالاڻي ٻهار ۾، آچاريه آسودومل گدواڻي گجرات ۾، پروفيسر نارائڻداس ملڪاڻي دهليءَ ۾، پروفيسر اُڌارام آسراڻي اتر پرديش ۾، شريمتي ديوڪي ڀيڻ دلال بمبئيءَ ۾، شري دولترام منگتاڻي بلوچستان ۾ آزاديءَ جي لڙاين ۾ ڀاڱو ورتو ۽ جيلن ۾ داخل ٿيا.

جهڙيءَ طرح سنڌ جا ڪي پرسڌ نيتاگڻ ٻين پرانتن ۾ وڃي آزاديءَ جي پڙ جا ناليرا سينڪ بڻيا تهڙي دستور سنڌ ۾ ٻين پرانتن منجهان آيل ۽ سنڌ ۾ رهي ٽڪي ويٺل لوڪن مان به ڪيترا اڳري نروار ٿيا جن سنڌ اندر آزاديءَ جي آندولن ۾ ۽ سنڌ جي سارو جنڪ جيون ۾ ساراهه جوڳو يوڳدان ڏنو. انهن ۾ ڪي مکيه هستيون هيون سوامي ڪرشنانند مهاراج، جنهن ورهاڱي بعد هماچل پرديش وسايو ۽ الي ودان سڀا جو ممبر چونڊيو ويو؛ شري لعلجي

وشنداس جي سالن جا سال سنڌ پرانتڪ ڪانگريس ڪاميٽيءَ جا وائيس پريزيڊنٽ ٿي رهيا؛ شري سيروومل وشنداس جو سنڌ اسيمبليءَ جو اسپيڪر ٿي رهيو؛ ۽ آخر ۾ شري سکديو اوڌوداس، ڀارواڻي ڪئبنيٽ جو هڪ برجستو انگ، جنهن ڪئبنيٽ شهيد هرچندراءِ وشنداس ڏنو. سکديو هند اسيمبليءَ تي به چونڊيو ويو ۽ جيئن جو هو ديس جي ورهاڱي بعد به سنڌ ۾ رهيو ته اُتي جي جوڙجڪي اسيمبليءَ جو به ميمبر هو. سندس ساروجنڪ جيون جي مکيه دين هئي ١٩٣٠ جي ستياگره ۾ فارين ڪلاٿ بائڪاٽ ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري پد سنڀالڻ. هو دوکيباز ولايتي ڪپڙي جي واپارين لاءِ جڻ ڪال هو. ڪين آفيس ۾ گهرائي مٿن ڪيس هلائي وڏا ڏنڊ وجهندو هو جي هو ماٺ ڪري ڀري ڏيندا هئا. ڪراچيءَ جي انگريزن جي چارٽي "ڊيلي گزيٽ" اخبار هڪ دفع لکيو ته شري سکديو جڻ هڪ ٿاڻي سرڪار هلائي رهيو آهي.

استرين ۽ شاگردن سان گڏوگڏ ٻارن به پارٽ موکيو. سوين پيهرن ولايتي ڪپڙي ۽ شراب جي دڪانن تي پڪيٽنگ لاءِ نڪري پيون، هزارين شاگرد سرگسن ۾ ٻهرو ونندا هئا ۽ سرڪاري جاين تي قومي جهنڊو جهولائيندي پنهنجا همٿ ڀچائيندا هئا مگر جهنڊي جو شان بلند رکندا هئا. ڪيترن نونهالن ٽڙن لــي ڦٽڪا سٺا، ۽ ڦٽڪا لڳندي انقلاب زنده باد جا نعرا هڻندا هئا. باندر سينائن ته پوليس لوڙهن ولايتي ڪپڙي جي واپارين جي نڪ ۾ دم آڻي ڇڏيو.

جن سنڌي شاگردن آزاديءَ جي لڏ ۾ شاگردن جي اڳواڻي ڪئي اُن ۾ مکيه هئا ڊاڪٽر ليلارام ڦيرواڻي، شري حشو ڪيولراماڻي، شري ٺوپو گيانچنداڻي، شري انند انبواڻي،

آئيل هڪ مسلم ليڊر محمد خان به سرگرم ڪانگريس سيوڪ ٿي رهيو.

سنڌ جي استرين به آزاديءَ جي جنگ ۾ ڀلو ڀلي پارٽ ملهايو. شراب ۽ ولايتي ڪپڙي جي دڪانن تي پڪيٽنگ ڪرڻ ۾ وڏو حصو استرين جو هوندو هو. ڀيڻ جيٺي سپاهيملاڻي سنڌ اسيمبليءَ ۾ ڊپٽي سپيڪر جي عهدي تي چونڊي وئي ۽ هندستان ۾ اچڻ بعد هوءَ هتي به ممبئي وڌان پريشد جي ڊپٽي چيئرمين چونڊي وئي. شڪارپور جي شريمتي گنگا ديوي پهرين استري هئي جا سنڌ ۾ گرفتار ڪئي وئي، شايد هندستان ۾ به هوءَ پهرين هئي. ڀيڻ لڇمي ديوي ٻي هڪ بهادر شڪارپوري ڀيڻ هئي جنهن کي ١٩٣٢ جي سول-نافرماني لهر ۾ گهٽ ۾ گهٽ سزا اڍائي سال ملي. ڪورٽ مان نڪرڻ بعد هن پڇا ڪرڻ تي لاثاني همت سان چيو ته ته اڍائي منٽ سزا ملي آهي. ٻيون مکيه ڀيڻرون جن جدا جدا لهرن ۾ ڀاڱو ورتو سي ۾ هيون ڀيڻ پاروتي گدواڻي، ڪڪي ڀيڻ لعلواڻي، گومي ڪرپالاڻي، گنگا ڀيڻ گدواڻي، ڪستور ٻائي، ڪملا هيرانند، ديوڪي ٻائي هاسومل، موهني لعلچند وغيره.

ڪي ٻيا نالا به جي نظر انداز ڪري نٿا سگهجن سي آهن شري پرسرام وشنسنگهه ٽهلراڻي جو سالن جا سال سنڌ پرانتڪ ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري ٿي رهيو ۽ ڪو عرصو اُن جو پرڌان پد به سينگاريائين؛ پروفيسر گهنشيام شوداساڻي جو سنڌ اسيمبليءَ ۾ ڪانگريس پارٽيءَ جو اڳوان ٿي رهيو؛ شري ايسرداس ورندمل، جو انڊين مرچنٽس ايسوسيئيشن جو پرمک هو ۽ اسيمبليءَ ۾ ڪانگريس پارٽيءَ جو "وپ" هو؛ شري سي. ٽي. ولڀا؛ شري نيوندرام

۽ بنگال جو اڌ ته هندستان سان رهيو، مگر سنڌ سموري ئي پاڪستان کي ملي.

انهن مشڪلاتن باوجود سنڌين پنهنجي همت، محنت ۽ پرشارٿ سان نه فقط پاڻ کي هتي وسايو مگر ديس جي وڪاس جي ڏس ۾ به سنڌن يوڳدان ساراهه جوڳو رهيو آهي، جنهن لاءِ کين سڀئي داد ڏين ٿا. سنڌين جي غير سرڪاري سانسڪرتڪ ايڪتيءَ، سورڳواسي پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي شبدن ۾، اسين هتي شرڻارٿي ٿي آياسون، پرشارٿي بڻجي پاڻ کي وسايوسون ۽ هاڻ پرمارٿي بڻجي پنهنجي ڪمايل پونجيءَ مان پر اُپڪار جا ڪارج پڻ ڪري رهيا آهيون. ائين اسانجي قرباني، ڪشٽ ڪشالا ٿهائين وڌيڪ ملهائتا ۽ وڌيڪ جلوهدار بڻجي پيا آهن.

اسانجي لاءِ فخر جي وارتا آهي ته اسانجن ٽن مهان سنڌي هستين جي عزت ۾ هند سرڪار يادگار ٽڪليون ڪڍيون آهن — ساڌو واسواڻي، شري ڄئرامداس دولترام ۽ هيمون ڪالاڻي.

ساڌو واسواڻي قومي نيتا هئڻ سان گڏوگڏ سنڌ جو شرومڻي سنت ۽ ڌرم گرو ٿي گذريو آهي؛ شري ڄئرامداس دولترام اعليٰ ترين ديش ڀڳت ۽ سنڌ هند جو تسليم ٿيل پرسڌ راڄنيتي نيتا هو ۽ شهيد هيمون ڪالاڻيءَ کي ته سنڌي قرب ۽ شرڌا وچان سنڌ جو ڀڳت سنگهه ڪري ياد ڪندا آهن.

شري پرچو ودياٿي، شري ڪڪو آسراڻي، شري ڀڳوان شهاڻي، شري اُڌو ريلواڻي، شري هيرو ڄڳتياڻي، شري پرت ٽوپراڻي، شري اُڌو رائسنگهاڻي، شري سخاوت چوٽواڻي، شري ديو ناناڻي، وغيره. شري آنند مامتورا سنڌ جو پهريون شاگرد هو جنهن اسڪار هلچل ۾ اسڪول ڇڏيو. شري منو شهاڻي شايد لنبي ۾ لنبو عرصو جيل ۾ رهيو.

شري ڀلاجراءِ راجپال ۽ شري گوپالداس جمعتراءِ جي رهبريءَ هيٺ ڪانگريس سيوا دل جي جوانن به جانبازيءَ جا ڪارنا ڪيا.

سنڌين نيتاجي سڀاش چندر بوس کي پڻ سندس آزاد هند فوج جي کڙي ڪرڻ ۾ تن جي ٽوڙي ماڻهن جي مدد ڪئي. دور ديسن ۾ رهندڙ سنڌين دل کولي نيتاجيءَ کي ناڻو ڏنو ۽ ڪيترا سنڌي جوان فوج ۾ به ڀرتي ٿيا. هن سلسلي ۾ انڊونيشيا ۾ رهندڙ هڪ بزرگ سنڌي واپاري شري ٽيڪچند واڌومل پوڄواڻيءَ جو نالو قابل ذڪر آهي.

ٿوري ۾ چئجي ته هر تحرڪ ۾، هر ڏس ۾ ۽ هر پروگرام ۾ سنڌ عاليشان رول ادا ڪيو جنهن لاءِ اسين ۽ اسانجا پويان حقي طرح فخر وٺي سگهن ٿا.

سنڌين جي آخرين قرباني اها رهي جو آزاديءَ سان گڏوگڏ جو ڪم نصيبا ديس جو ورهاڱو ٿيو تنهنجي نتيجي ڪارڻ کين پنهنجا گهر ٽڙ، ٿانڊا ٿوڙي، محل ماڙيون، زمينون ۽ ملڪيتون ڇڏي هتي هندستان ۾ اچڻو پيو ۽ اڻ ڄاتل جڳهين ۽ شهرن ۾ رهي، اڻ سڃاتل ۽ غير واقف ماڻهن جي وچ ۾ پنهنجي پنرواس لاءِ پورهيو ڪرڻو پيو. سنڌين پنرواس انڪري ٿهائين مشڪل بڻجي پيو جو پنجاب

ڪراچي ضلعو

سوامي گووندآنند (پروفيسر جوهرمل منسکاڻي)، شري ناراڻداس ٻچر، شري دتاتريه مرهٽو (شهيد)، شري ميگهراج للا (شڪارپور جو شهيد)، شري گنگارام، مهاشيه نرسنگه لعل ڀاٽيا، مهاشيه واسديو نرسنگه لالا ڀاٽيا، موهني بائي (اُنهن نواسي)، شري روچي ڪيمچي گناترا، سوامي ڪرشنانند، سورگيه ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي، شري پرسرام ٽهلراماڻي، شري آر. ڪي. سڌوا، شري جمشيد نسروانجي، شريمتي مهربانو، شري رستمجي گاس والا، شري گووردن وزيراڻي، شري مٺي لال جادوجي وياس، سرسوتي ديوي مرهٽي، ڊاڪٽر پوپٽ لال ايم. ڀوپٽڪر، شريمتي رڪمڻي ديوي (اصل شڪارپور جي)، سيٺ سکديو اُڌوداس (جهونو اڳوان)، شري هريداس لالجي، شريمتي ڪڪي ٻيڻ لالواڻي، ڀيڻ گومي ٻائي ڪرپالاڻي، فضل ڪريم (اصل پنجابي)، مولوي محمد صديق، شري محمد خان پٺاڻ، ٽوپڻ مکي (ڪڇي)، ڪملا ٽوپڻ مکي، دنو ٻائي ٽوپڻ مکي، ڏيارام ٽوپڻ مکي، گوپالداس ٽوپڻ مکي، شانتا ڏيج ٽوپڻ مکي، ماڌوجي ڏارسي، منسکرام ايم. جوڻ پٽر شارڌا مندر جو پرنسپال، شري درگيش ٺاڪر، شري هرشچندر (پنجابي) ڪيندر ڪراچي، شري جيرا ٻائي گناترا، پاروتي گدواڻي، پاربتي لالواڻي، ڊاڪٽر تاراچند لالواڻي، مسز شورام چوهاڻ (مرهٽڻ)، شري لالجي مهروترا، سيٺ امرداس ورندمل، شري سنتداس عيدنمل، شري ڪانئيالال هريلال شڪل، سيٺ سندرداس وليداس، سيٺ چترومل آسومل، سردار سمت سنگهه، شري هريرام ڊي. ماڙيوالا، شري

باب ٻيون

آزاديءَ جا اُپاسڪ ضلع وار

سنڌ مان اٽڪل روءِ ٻه هزار سئنڪ ڏرنگهه ياترا ڪري آيا هئا. اُنهن ۾ ١٩٢١ واري تحريڪ ۾ اٽڪل ٢٠٠، ١٩٣٠ تحريڪ ۾ اٽڪل ٦٠٠، ١٩٣٢ واري تحريڪ ۾ شمار ١٢٠٠ ۽ ١٩٤٢ جي تحريڪ ۾ اٽڪل ٢٦٠٠ سئنڪ سنڌ ۾ جيل ۾ ويا هئا. اُنهن ۾ ڪيترائي اُهي سئنڪ هئا جي هڪ کان وڌيڪ تحريڪن ۾ شريڪ ٿيا هئا ۽ ڪي ته اهڙا به هئا جن مڙني تحريڪن ۾ ڀاڱو ورتو هئو. ان حقيقت کي خيال ۾ رکي چئي سگهجي ٿو ته شمار ٻن هزارن سنڌي سوتنتر سئنڪن جيل ياترا ڪئي هوندي.

اُنهن ٻن هزار جيل ياترين کانسواءِ ٻيا ڪيترا ڀائر هئا جن جيل ۾ نه وڃي به ٻيءَ طرح آزاديءَ جي هلچل ۾ ساٿ ڏنو هو، جوڙجڪي ڪاريه ڪيو هو، زير زمين سرگرمين ۾ ڀاڱو ورتو هئو. افسوس ان ڳالهه جو آهي جو اُنهن مڙني سڀني، جيل ياترين يا ٻين ساٿين جو ڪو رڪارڊ موجود ڪونهي. مون سنڌ ۾ ئي دادا جئرامداس جي آديش هيٺ جيل ياترين جي مڪمل يادداشت تيار ڪئي هئي ۽ اها آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽيءَ جي دفتر ۾ موڪلي وئي هئي مگر اهو رڪارڊ به اڄ ڪٿان ملندو. اُنهن مان ڪيترا ته راهه رباني وني ايشور جي چرنن ۾ وڃي آرامي ٿيا آهن. گهڻي ڪوشش ڪندي به سمورا نالا، يا اُنهن جا فوٽا ۽ بيان ملي نه سگهيا آهن.

ڀاءُ جيٺانند راشٽروادي سال اڳ محنت ڪري هڪ يادداشت تيار ڪري ٿو پريس ۾ ڇپائي هئي. ان يادداشت ۾ رڳو جيل ياترا ڪيل سڀني جا نالا نه آهن مگر جن جيل کان ٻاهر رهندي به آزاديءَ جي تحريڪ ۾ ڪنهن نموني ڀاڱو ورتو هو، اُنهن جا نالا به درج آهن. هڪ قسم جو رڪارڊ ٺهي لاءِ رهي، ان ويچار کان اها يادداشت هتي ضلع وار ڏهرائي وئي آهي.

ٻلديو گاجرا

ايسرداس، شري لڇمڻ پاڻيء، مهاراج لوڪرام شرما، پروفيسر
گهنشام جيٺانند، پروفيسر جيٺمل پرسرام، شريمتي ديوي
هاسومل، شري هاسومل ماڪيجاڻي، ماسٽر لالچند، شريمتي
موهني لالچند، مهاراج وشنو شرما، شري سنتداس عيدنمل
وڪيل، شري ڀيرومل ايسرداس، ڪماري جيٺي سپاهيملاڻي،
شري ڀيرومل ايسرداس، شيخ عبدالمجيد سنڌي، پنڊت
ڌيودت شرما، پنڊت دولترام شرما، شري صورت جيوترام
المسنگهه، شري شيوارام پاڻيء، مهاراج گوورڌن شرما،
مهاراج نڱنارام شرما، مهاراج چوئٿرام ڪيمچند، حڪيم
مولوي محمد احسن، شري نارائڻداس، شري ٻاٻو ڪشنچند
ميلواڻي، سردار سنت سنگهه، سردار ديال سنگهه، شري
منو ڏي. شهاڻي، وشنداس ايسرداس، رامچند واسواڻي،
پروفيسر شامداس واسواڻي، جيٺانند ڀاوَنداس لالواڻي، شري
وروومل ڪاڏي ڀنڊار، ڊاڪٽر وشنداس شوداساڻي، مولي
ڏيٺارام واسواڻي، شري نارائڻداس ڏانجاڻي، ڊاڪٽر پوهومل
ايسرداس، سنت ٽلسيداس، ٽنڊو محمد خان، شري هرچند
گنگارام جيٺو، گنگا ڀيرڻ گدواڻي، عالم گدواڻي، ستي ديوي
ڪشنچند، ستي ديوي پروفيسر شامداس، لڇمي ٻائي حيدرآباد،
لڇمڻ پنجابي، ڀائي اُڏارام ٻهراڻي، نارائڻ هيرانند آڏواڻي،
ڊاڪٽر امرناٿ سوري، شري ڀائي پرتاپ ڏيالداس، شري
ليکراج ڀوڄراج پنجابي، ننڍن بادشاهه گهنب وارو، ڀڳڙومل
گهنب وارو، مهاراج ٿورام شرما، ڪرپالداس جيرامداس
نهالاڻي، هريرام جيرامداس نهالاڻي، حيدر بخش جتوئي،
آتمارام هاسومل، ڊاڪٽر ٽيڪمداس، هرِسندر روپچند،
شري گوسوامي شيواپوري، جسومل ڪوڏواڻي، ٽهلرام آزاد،
سيٺ هرچندراء، جيٺانند رگهومل "بيتاب"، شري چندولعل

درگاداس آڏواڻي، ڪاڪو مهراج (ڀورو ڀالو ڏيوجي ڀائجي جوشي، شري ڀاواڻي گنگارام ڀلاچراء (ٺٽو)، مکي پيرومل گنگادرداس (ڄاتي)، شري ماڌوداس مولچند (سجاول)، شري مولچند ٽيڪچند (ڄاتي)، سرسواتي مهراج گووردنداس لعلچند (ڄاتي)، شري ٺاڪرداس سونارو (ڄاتي)، شري سنتداس گرمکداس اڏناڻي (ڪراچي)، شري نارائنداس (سوامي گووندانند جو ننڍو ڀاءُ)، علي محمد مڪراڻي، شري هيرالعل گناترا، ڪامريڊ حشو ڪيولراماڻي، ڪامريڊ جمالدين بخاري، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي، نور محمد پليجو (ٺٽو)، سورڳيه ماسٽر کيمچند ريڊيو سنگر، شري شيوجي ڀائي ٺڪر، شري ليلاڌر جوشي، شري لعلچند ڀاناچند، شري آچاريه اي. ٽي. گدواڻي (اصل حيدرآباد جو)، سيٺ غلام علي چاڳلا، يوسف علي علوي، سيٺ حاجي عبدالله هارون، سيٺ غلام حسين قاسم، ديوان ٺڪرام کيمچند، ديوان شيورام ڏيونمل، دولترام جيٺمل، لعلچند نولراءِ، مولانا عبيدالله سنڌي "انقلابي"، ڊاڪٽر ويڙهومل موٽومل گوڪلاڻي، شريمتي جمناديوي گوبندرام ڀاٽيه.

حيدرآباد ضلع

شري جيرامداس دولترام، پروفيسر نارائنداس رتنمل ملڪاڻي، ڪامريڊ عبدالقادر "هاري حقدار"، پروفيسر شامداس واسواڻي، رئيس غلام محمد ڀرڳڙي، ڪاڪو وطنمل، ڪاڪا آتمچند، شري چيتن ديو "بهراج"، ڊاڪٽر چمنداس

وشنداس (اڳوڻو سنڌ اسيمبلي ميمبر ۽ ورهاڱي بعد بمبئي ۾ پڻ اسيمبلي ميمبر هو)، شري ميٺارام هرومل ڪلناڻي، شري ايسرداس رائسنگهاڻي، شري هيرانند ڪرڙمل ستوجا، شري کيمچند چيتنداس ٻالاڻي، شري کانچند انلداس رامرکياڻي، شري سنتداس پنهومل کيماڻي، ڀائو دامودرداس، حڪيم مولوي محمد معواذ، ڊاڪٽر چيتانند راشٽروادي، مهاشيه پريداس برهمچاري، شري کيسومل ٽيجرمل ٻالاڻي، شري پرسرام نارائڻداس، شري ڪلومل گرناڻي، شري گرمکداس ٽيجومل نوشهرو، شري گوبندرام نارائڻداس نوشهرو، رئيس حبيب الله نوشهرو، شري ڪشن گرناڻي، شري تاراچند ٺاڪرام ويرواڻي، شري کيرت ٻاٻاڻي، شري ڀڳوانداس، شري لاري گرسهاڻي، شري ديالومل ڪشنچند، شري آسنداس ٻجلاڻي، شري نيڻنداس ايسرداس منياڻي، شري ڏامونمل ايسرداس منياڻي، ريلومل پرتاپراء منياڻي، ڊاڪٽر اڌارام نارواڻي، شري گلابراء شيونداس، شري ٽيڪمداس ڀاٽيه، شري ڀوڄراج ٺائونمل سونارو، شري نولراء چندناڻي، دولت پور، شري موٽومل سچانند ٿانواڻي، شري پريداس ويرواڻي، شريمتي جانڪي ديوي موٽومل ٿانواڻي، شري رام دولترام ٿانواڻي هالاڻي، شري کيولرام هيرانند ٿانواڻي هالاڻي، شري درگداس ڇاڱومل وڇاڻي ڊيرو، شري شيامداس ڦتناڻي، شري ريلومل ڦتومل هالاڻي، شري چندر ڀان نرسنگهاڻي، شري برهمانند پرسومل ڏيپارجا، شري آئلداس روپچند مورو، شري روچيرام ٿانواڻي، شري مولچند ٽيجومل پريا، شري امام علي شاهه، شري هوندراج رامچند رچهواڻي (دوڙ)، شري رام ڏي. مامتاڻي نوشهرو، شري نهال نرياڻي، شري ايسر ١٩٤٢ وديارٿي جيون ۾، شري

جيسنگهاڻي، ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي، مسٽر عبدالرحمان، مسٽر عبدالجبار، محمد حافظ بئريسٽر، شريمتي لڪشمي گوپ سڌوا، شري موهن لعل رامچنداڻي، گلابراءِ مڱهارام هيرانندڻي، هن وقت الهاسنگر ٢ ۾ رهيتو، نرمل جيوتاڻي ”نرمل“، شري هيرو جڳتياڻي، شيخ عبدالرحيم (آچاريہ ڪرپالاڻيءَ جو وڏو ڀاءُ ڏيئومل)، شري مهراج گرڌاريلعل، شري مهراج ڪاليداس، مهاشيہ ويرجي (گجراتي)، نارائڻداس هيرانند آڏواڻي، جڳديش گوپ آڏواڻي، جيون جشنمل حيدرآباد، دادي دروا مرلو مل ماسترياڻي گرلس سڪول ٽنڊو محمد خان، دادي آتمي ٻائي هيڊ ماسترياڻي گرلس سڪول ٽنڊو محمدخان، جيڪشن لعل شرما ٽنڊو محمد خان، شري گوبندرام چيلاڻي، ڊاڪٽر ايسرداس ڪيشوداس عيدناڻي، شري جيرامداس سونارو (ٽنڊو محمد خان، شري ٻاڪومل هيمنداس ٽيڪچنداڻي ميونسپل ڪائونسلر ٽنڊو محمد خان، ماسٽر ٽهلرام ٽنڊو محمد خان، شري بسورام شيواڌاري هريجن ڪاريہ ڪرتا، شري ڀوا شنڪر شرما، ڪوراهه ڪانگريس جو پريزيڊنٽ، ڪيسومل ٽنڊو محمد خان، نارائڻداس وينسيمل ڀائيہ (نصرپور سنڌ)، ڊاڪٽر وينسيمل منگهاڻي هالا نوان ضلع حيدرآباد.

نواب شاهه ضلعو

شري ٽولارام مينگهراج ٻالاڻي (ڪوي گائڪ ۽ پترڪار جنهن ١٩٠٥ کان ١٩١٣ تائين سرگرم ڪاريہ ڪري ڪليو ڪلايو انقلاب جو جهنڊو بلند ڪيو)، سورگيہ پروفيسر هاسانند جادوگر، سورگيہ سچانند ڦيرومل ٽانواڻي، شري ليونڊرام

پنجابي نواب شاهه، ٽلوڪ ايم. ٽلسياڻي ڏيرو، ٽلوڪچند
گوپالداس پريا ۽ نواب شاهه، نارائڻداس گوتومل آسناڻي
منياڻي، صوڀراج چوهڙمل ڳوٺ ملڪ، گوپ ٽاراچند خانواهڻ
ضلع نوابشاهه سکر، مهراج عالمچند شرما ڪنڊيارو، ڪسي ٻائي
نهالاڻي منياڻي، نانڪ ڀڳت پڊيدن، هيمون عالمچند روپاڻي
ٽنڊو آدم، گهنشام پرمانند منگهناڻي سن، ٽانورداس بلارام
ڀڳت ٽنڊو آدم، ڊاڪٽر مهاديومل منگهارام ٽولاڻي ڀدوهي
اتر پرديش، ڊاڪٽر شنڪرداس منگهارام ٽولاڻي، نارائڻداس
ڊاڪٽر منگهارام ٽولاڻي، ارجن ناٿاڻي ٽنڊو آدم، گنگارام
ريواچند ٽنڊو آدم، اتم مل وشنداس ٽنڊو آدم، نيڄورام
خانواهڻ وارو، پرمانند منگهناڻي، ڀوڄومل هوٿڻ وارو،
ڀيرومل ٽولارام نوشهري تعلقو، مولچند روپچند ٽنڊو آدم،
شامنداس ميٺومل ڀمڀاڻي هالاڻي، پريتداس روپچند ڀاڳواڻي،
نهالچند نرياڻي، نارائڻداس گرداسمل ٿانواڻي، هالاڻي،
ڀوڄومل نئين. ڀاڳناڻي ٽنڊو آدم، سڄڻمل آسودومل شاهپور
چاڪر، هوتچند ڏيي. بدلاڻي، ڪرمچند هيمنداس، ڪرپالداس
کيمراجداس نهالاڻي منياڻي، هرڀرام کيمراجداس نهالاڻي
منياڻي.

سکر ضلعو

ڪرشن سگنيچند لالا، چوئٿرام ٽيڪچند وليچا، شريمتي
سندري ديوي وليچا، ٻلديو ٽاراچند گاجرا، سکديو چانڊومل،
قيمتراءِ ڀلاجراءِ آڏواڻي، دولترام خوشيرام آسراڻي، ڊاڪٽر
ديارام ننڊوسنگهه، ڀڳوانداس ننڊوسنگهه، پروفيسر ٽاراچند
گاجرا، امر شهيد هيمون ڪالاڻي، ڊاڪٽر گوبندرام ٿدراجمل
پنجابي، امر شهيد هاسارام پمناڻي، سورڳيه ديش ڀڳت

هرچند نوابشاهه ١٩٤٢ وڏهارتي جيون ۾، شري دواهڙنومل
مورو، شري جهمونمل مولچند سڪرنڊ، شري نرسنگهه اڙان،
شري آسنداس خوشحالداس شونــاڻي، نارائڻداس گوڏومل
آسناڻي منياڻي، هولچند بدلاڻي، ڀائي ڏيارام ڀائو، شري
جيوترام گاجرا، شري گلاب جهٽمل، شري عرڙين، شري
ناٿاڻي، شري پيمنداس منواڻي چاچڪ ڳوٺ، شري رامچند
ڀڄاڻي ٽنڊو آدم، شري ٽلومل نارائڻداس، شري ڇبلداس
ڪلناڻي، شري واڌومل هرپلاڻي، شري ليلارام چتومل، شري
ايسرسنگهه بيدي شهدادپور، شري ديالسنگهه بيدي شهدادپور
شري مهاديومل ڏالواڻي، شــري مولــيرام ٽهلياڻي، شري
نتومل ٽهلياڻي، شري گيان رشي سنجهورو، شري آسراڻي
دولترام، شري چيتانند نهالچند، هيمراجاڻي ٽنــڊو آدم،
شري گــوري شنڪر ٽنڊو آدم، شري چنيلعل ٽنـڊو آدم،
شري رامچند ٽاراچند ٽنڊو آدم، شري ڀڳڙومل بدلاڻي گهنٻ
وارو (ميونسپل ميمبر ٽنڊو آدم) شري شامداس ساڌواڻي
ٽنڊو آدم، شري آلمچند چنــدرام مورجاڻي ٽنڊو آدم،
شري سيرومل ڪرپالداس ايم. ايــل. اي. (ڀيراڻي وارو)
شري موٽومل گــلاڻي، شري ديــالداس جيسواڻي، شري
چوئٿرام ليکيرام ولگاڻي، ٻرهم ڪتري نوابشاهه شري نرسنگهه لال،
شريمتي موهني ديوي ديپچندر (سرڳواسڻ ڪراچيءَ ۾ ١١
دفعا گرفتار ٿي) ڊاڪٽر هاسارام راوتاڻي، شري ڌرمداس
هيرانندڻي ٻڌ عيدن پــوءِ نوابشاهه ۾، شري ڪــوڙومل
ٽلومل ابيچنداڻي، شري ويرومل ٽهلياڻي ٻڌ عيـدن، شري
مولچند موٽياڻي مٺياڻي، شري ساڌورام اسڪومل لهالاڻي
مٺياڻي، شري ديپچندر تلوڪچند ڪاٽيــا ڪلهوڙا، شري
جئچندراءِ نانڪرام وڌواڻي هالاڻي، شري ليکراج ڀوڄراج

شڪارپور، سندرداس صراف، خوبچند ٽيڪچند بوڪسيلر، ڀارو سنگهه، لڇمڻ سنگهه، شري نيوندرام موهنداس راجاڻي، شري راجاڻي اي. اين.، واسديو هوندراج گنگواڻي، لڇمڻداس هوندراج گنگواڻي، آتمارام ليوندرام راجاڻي، شري جڳچندراء ساڌوسنگهه، چندر پرڀاڳ پارٽي، شري کانچند گنومل، شري رام کانچند، يوڳراج رهيجا، ماستر گوبندرام نارائڻداس، ماستر ڇوهڙمل نيوندرام، نيوندرام زميندار، شري گوبندرام ڪلياڻداس آرائين تعلقو سکر، ماستر جيوترام هيمنداس باگڙجي، شري هرچندراء چٽڪومل، آنندرام ٻالچند، شري گوپي موتيرام، ماستر موٽڻداس، شيوارام موٽڻداس سکپور ضلع سکر، سيٺ هيمنداس ڀيچانجي، شري هريرام ماستر، شري ديارام ماستر، شري هرگنداس چڪ، ماستر هرپالداس رستم، ڌنا سنگهه، رستم، ماستر دولترام ڀاٽيا سکر، ماستر جاندومل، لڇمي ٻائي ايشورداس ڪوٽائي (سکر)، شري گوپيچند باگڙجي، شري هرچندراء چٽڪومل باگڙجي.

سائين علي شير هڪڙو اصل وينل هڪڙو (سکر)، مولوي تاج محمد بلوچ حڪيم ڳوٺ جواڙا، پروفيسر آصف جاهه ڪاروائي، مولانا عطا الله شاهه بخاري خاڪسار تحريڪ جو باني، سائين وسڻ شاهه، ايشورداس ڪوٽائي (سکر)، شري ڏيئومل ميگهراج ڪيماڻي روهڙي، هرپالداس چنڊراء، شري گوبندرام جڳومل شيوڪاڻي ڳوٺ عبدو تعلقو سکر سنڌ، شري ڏيئومل ايم روهڙي، سندرداس ڪشنداس، فتح راج گجرالي ستياگرهي ڪيمپ جو انچارج، هوندراج لکيرام ڀاٽيا روهڙي، شري ٻانڊرام وسندمل، شري ڏاندومل ٻالچند، شري جمنو سونپار، منگهو سونپار

ويرومل ٻيگراج، سورڳيه سوامي پرياگه ڀارتي، سورڳيه لالا
ميگهراج، ڄيٺمل، ارجنداس ٽلسيداس وڪيل، ڀيرومل
ڏڏواڻي، يوڄراج موٽومل اڄواڻي، ڊاڪٽر منگهارام
ڪالاڻي، گوپالداس جيٽراءِ، ٺاڪرداس گلومل، شيوڪرام
ڪرمچند، سيٺ گهنشامداس ڏرومل، ويڙهومل واپاريمل،
(ويساپوري)، ڀڳوانداس هزاري، ٽيڪمداس (گهنڊو وارو،
ڪاڪو ڪوٽومل جيٽراءِ، مهراج گوردڻ شرما، سيٺ
چيٺومل هريرام، گوبندرام ليلارام، ٻيڪچند چيلارام، آوتمل
ارسومل، پرسرام مسند، لکميچند روپچنداڻي، ڪوٽورام
هولاڻي، خانچند مدناڻي، سورڳيه پرمانند سڳنومل مهرا،
الله بخش سومرو، خوشيرام ٽوڏيجا آريه، آئلداس، مائينومل
جاڃيمل، ٻرجلعل ٽنسڪداس هرگناڻي، پهلاجراءِ اننتسنگهه
چنچلاڻي، ڊاڪٽر رامچند ٽلوڪچند گنياڻي، چترومل
ٽلريجا، ورندلعل ٽلريجا، نندلعل ٽلريجا چڪ، ٽيڪمداس
ٽلريجا چڪ، ڪنيالعل ٽاڳپال چڪ، ڀڳوانداس گوپالداس
هوٿي، ٻيرٿداس گرداساڻي هوٿي، شيوڪرام والواڙي
ٻيچاڻجي، سنتوُن گرداساڻي هوٿي، لڇمڻ ولواڙي ٻيچاڻجي،
ڊاڪٽر ڪيئلداس ٻيچاڻجي، گوردڻ ٻاشومل ٻيچاڻجي،
حڪيم آتمارام مديجي، ڀڳوانداس هرچنداڻي مديجي،
حڪيم جيٽراءِ مديجي، ٺالچند ڏاندومل باگڙجي، پهلاجراءِ
ڏولاڻي شڪارپور، حڪيم دنيچند پرسواڻي رستم، ٻلندراءِ
پرسواڻي رستم، ڏرمداس جيٺنداڻي سکر، موررومل لالچند
ٻيچاڻجي، ڀڳوانداس وئد سکر، گهنشامداس گوپالداس سکر،
ٻورن ٻان سکر وارو، موررومل ٻيچاڻي ڊکڻ، عيشي وديارٿي
سکر، جشنداس ولوڙي ٻيچاڻجي، ڊاڪٽر هرگنداس ٽنواڻي
سلطانڪوٽ، سخاوت چونواڻي شڪارپور، لڇمڻ راجپال

ٽولچند، سورڳيہ جيرام ٽولچندائي (اصل دادو)، گوڙومل اُڌارام پهلاجاڻي، ٿريومل پوهومل ٺهالاڻي، آسنداس ٺاڪرام پيرواڻي، ميان محمد رمضان خان، ميان محمد سهراب خان مگسي، ميان محمد رمضان شيخ، ريلومل ٺاراچند دادو. وڃومل هيمنداس، سورڳيہ ڪيسرمل ڀاوومل دادو، ڪنمل چاگومل گوڙواڻي، ريواچند ٽولچند دادو، مهراج جيٺانند روچيرام شرما دادو، سورڳيہ مهراج ٽولچند آسورام شرما، ڏرمداس اُڌارام پهلاجاڻي، ڪشنمل راڄومل شهاڻي، سورڳيہ اُڌارام دوارڪاداس، رام صابومل رتناڻي، پوهومل رامچيمل (اصل دادو)، ارجن وديارٿي، سردار شيوڪسنگهہ بلندسنگهہ، ڀائي واسديو ڀڳوانداس، ٽوپراج ناناڻو، ديارام هاسانند، پاروومل آسودومل چنچلاڻي، سورڳيہ ٺهلرام جيٺانند، سورڳيہ مهراج مرليڌر شرما، ڊاڪٽر هيمنداس عيدناڻي،

سورڳيہ اُتومل هرومل، نارائڻداس ڪيراچمل ڏيرناڻي، امرلال ليلارام ساڌواڻي، سورڳيہ گيهي مل ٺهلرام، چيتنداس سيتان وارو دادو، شري رام پرديسي دادو، شري پرسرام گلومل پنجالاڻي اصل بوبڪ دادو، شري آوٽمل آسومل، شري ڏرمداس جادوگر، شري نارائڻداس پارواڻي ڪوٽري، شري ٽولچند پارواڻي ڪوٽري، سورڳيہ گوڙومل ڪشنچند پاڻيہ ڪوٽري، شري ٽونگمل سوپاري ڪوٽري، شري ٽولچند آسودومل آراضي، سورڳيہ ڪاڪو واڌومل سيوهڻ، شري ڀيسومل ناشاد بوبڪ، سرڳواسي ڀمنداس گهنشامداس جوهي دادو، سرڳواسي تيرٿ سانولاڻي مانجهند وارو، شري ٽيڪچند ٽولچند وڻراڄي خيرپور ناٿن شاهہ، هيرانند "آنند" خيرپور، لکميچند ارومل سونارو خيرپور ناٿنشاهہ،

شريمتي ڪملا ڏاندومل، ٻالچند هرڪشنداس، ڪاڪو نارائڻداس، ڪاڪو پريداس، ڪنيالال نانڪرداس، واسديو ماکيجا، پرشوتم جيسنگهاڻي، پيپن مل، چترومل نچاڻي، نارائڻداس لعلچند (جنهنکي ۱۹۲۱ ۾ ۵ سال سزا ملي سگهي.)

ٿرپارڪر ضلعو

ڊاڪٽر وطنمل گلابسنگهه گدواڻي، ويرومل خوشالداس، آسنداس خوشالداس، چيناننڊ شامداس پنجابي، هولچند آسناڻي، واسومل هيرانند گبرو، مهراج گوپالداس (مٺي)، پرشوتم (آنڌو)، مولشنڪر سومجيمل، ڀانومل ڪشنچند، پنڊت نتيانند (گبرو)، ٻولچند ڪلناڻي (ساهتي وارو)، پنڊت دولترام جڳترام، ڪرمچ پائي، منورام آچاريه (نگرپارڪر)، مهرامنجي ڪولهي (ڦولپور)، پامنجي، هرڪامنجي، چاندا ڪولهي، اوڪا هريجن (ڦولپور)، ڪيول سونار، هرداسمل، هريسنگهه ڪولهي ڪراڙ (نگرپارڪر)، مگها چيت ڪولهي ٻيپريا، اوڪا هريجن (ڏيپ تعلقه نگرپارڪر)، پريما هريجن ڏيپه (ميرپور خاص).

دادو ضلعو

مهراج دوارڪاپرساد شرما، مهراج اندرديو شرما، هوندراج مولچند ڀاروواڻي سنڌوڪي ڪونري جو قومي اڳوان، پنڊت اديه ڀان، مهراج ڪرپالداس پربن رام شرما، رام ڀاونداس مونواڻي، غلام مرتضيٰ شاهه (جي ايم سيد) سن، ڊاڪٽر وطنمل ”وطن خدمتگار“ سن، ڊاڪٽر وڌومل ڀونومل گوڪلاڻي نلتي، راڌاڪشن ڪونواڻي، ٿانومل ٻوهومل نهالاڻي دادو، لوڪومل هيمراجاڻي، منگومل

آونراءِ، نانڪ مونواڻي، شيوڪ پوڄراج مونواڻي، جيونرام ڪونومل، ٽلو جيٺملاڻي، سردار سيوڪ سنگھ، بلند سنگھ، هيرو شاهاڻي، خوشي هزاري، ڀڳوانداس هزاري، مسز موهني ڪونا، شريمتي گنگا گوبندرام پاٺي، چيتومل، نانڪرام وشنداس، سيرومل وشنداس ايسراڻي، سورگي مورو سنگھ، سورگي ماڻڪراءِ ايسراڻي، ڊاڪٽر عالمچند، گوبندرام جيٺسنگھ، جهمٽمل لاهوري، نهچلداس هٿسنگھاڻي، پرسرام هرداس ملاڻي، نوپٽ لعل، سورگي اُڌو رهلواڻي، ليکراج سگندو، کيراجمل بي ايسراڻي، ديارام بي. ايسراڻي، ڀاڳچند پرتاڻي ڦنبر، شانتي شاهاڻي سعدو ديرو، سورگي هرجس راءِ رانجهومل رئيڊيرو، سنتداس سگناڻي ڦنبر، پرسرام جڳياسي ڦنبر، رهندومل هسيجا، ساڌورام ڊيارام رئيڊيرو، ڪنيالعل چيتيا رئيڊيرو، سنمک پنجابي رئيڊيرو، رامچند سومومل رئيڊيرو، شڀونمل چمنمل رئيڊيرو، ڀڳوانداس دالسنگھ رئيڊيرو، نانڪرام وشنومل، ساچنداس ڦنڊڻمل، برجلعل جميعتراءِ، ڪنيالعل ٿوناراج، رهندومل ٽيلر ماسٽر، ميان فقيرچند خاوند ڏنو، امرسنگھ ورما، جهنگل پوسٽ وارو، موپو گيانچنداڻي ڏوڪري، ويرومل رئجهواڻي (لاڙڪاڻو)، شريمتي شيلا رئجهواڻي (لاڙڪاڻو)، سورگي ٽولورام، دوارڪو جيٺملاڻي ريجهواڻي، ارجن امرلال هنگوراڻي، ڊاڪٽر نيونندرام لالچند، سورگي واڌو نارائڻداس هزاري، ٽنومل جيٺملاڻي (لاڙڪاڻو).

جيڪب آباد ضلعو

ڊاڪٽر مينگھراج جنهن جيڪب آباد ڪانگريس جو بنياد ۱۹۲۱ ۾ وڌو، سوامي انگدديو، مکي نارومل جهونو جوڳي،

سورڳيہ مهاراج سچانند گڏيشارام خيرپور ناتن شاهہ، مهراج شنبورام پرسرام شرما خيرپور ناتن شاهہ، شري پوهورام وڌوهومل خيرپور ناتن شاهہ، کيتومل ميتومل خيرپور ناتنشاهہ. شري چتومل گنومل ناتن شاهہ، شري ڪرشنچند رپندداس خيرپور ناتن شاهہ، شري گيهيمل واڌورام خيرپور ناتن شاهہ ميونسپال ڪائونسلر ڪنڍي، شري ڏيئومل لهرومل خيرپور ناتن شاهہ، مهراج مهادپو گڏيشارام خيرپور ناتن شاهہ، شري ڏرون مل خيرپور ناتن شاهہ، شري وسومل گلجي گهاوڙ، سورڳيہ مينگهومل سنگتمل خيرپور ناتن شاهہ، شري آسودومل ڪوٽومل اصل دادو، سورڳيہ سيٺ ايسرداس ورندمل اصل مانجهند ضلع دادو، شري گوئندرام سودرو جو اڃان ٽائين خيرپور سنڌ ۾ رهيل آهي، شري ڪسن لعل ماسٽر سرڳواسي سيٺ رئجهومل، شري هيمراج آريہ، شري جهامنداس، شري روپچند ڏرمداس، ڊاڪٽر لکميچند پنجواڻي، شري مينگهراج ڪيسومل، ڊاڪٽر مرليڌر جيسواڻي، ڊاڪٽر سندرلعل پنجواڻي، سيٺ چمنراء آئلداس، مهراج گوپالداس شرما، شري رلومل ٽاراچند پوجا.

لاڙڪاڻو ضلع

شري ڪوي ڪشنچند "بيوس"، شري هوندراج "دکايل" سنڌين جو راشٽريہ ڪوي، شري واڌو ڪيسواڻي، شري ميلارام واسواڻي بنگلديرو، ڊاڪٽر گنومل دوداڻي، ڊاڪٽر ڏرمداس لکاڻي، شري ٽيرٿ سباڻي، شري پوپچند شرما باڍهہ، شري سترامداس ٽولاڻي، پلرام موٽواڻي، شنڪرلعل جئسنگهاڻي، حڪيم خوشيرام باشارام، لانڪ

ڪراچي ضلع

ڪراچي سنڌ جي گادي هئي انڪري سڀاوڪ ڪراچي شهر ۽ ضلع جو آزاديءَ جي يڌ ۾ اهم ۾ اهم ڀاڱو هو. ڪراچي شهر جي هڪ ٻي وشيشتا هئي. اهو شهر جڻ سروجاتيه نگري هئي. ڪراچيءَ ۾ رڳو سنڌي ڪونه رهندا هئا، گجراتي، مراٺا، ڪڇي ٻيا، چڱي تعداد ۾ رهندا هئا ۽ ڪجهه اُتر ڀارتي به. انهن سڀني ڀاشائي گروهن سوتنترتا سنگرام ۾ پنهنجو يوگدان ڏنو. ڪي پرسڌ نالا جي درج ڪرڻ يوگيه آهن تن ۾ شري لعلجي مهروترا (اتر پرديش)، نارائڻداس بيچر (گجراتي)، شري روجي گنالرا (ڪڇي- شري روجي گنالرا بمبئيءَ ۾ اچي ميئر جو پد سينگاريو)، شري رستم ڪي. سڌوا (پارسي)، شري ڪرسنداس ماڻڪ (گجراتي)، ڊاڪٽر پوپٽلعل (گجراتي)، اچي وڃن ٿا.

ڪراچيءَ جي شاندار ڀاڱي جي هڪ ٻي دهرائڻ جهڙي حقيقت اها آهي ته انڊين نيشنل ڪانگريس جي ١٨٨٥ جي پهرئين اجلاس کان وٺي ڪي نه ڪي ڪراچيءَ جا پدر پرش ڊيليگيٽ ٿي ساليانين اجلاسن ۾ شريڪ ٿيندا هئا. ڪانگريس جي ٻن اجلاسن آيوجت ڪرڻ جو شرف ڪراچيءَ کي مليو- ١٩١٣ جو اجلاس ۽ ١٩٣١ جو اجلاس.

سنڌ آزاديءَ جي يڌ ۾ ڇهه شهيد ڏنا، جن مان ٽن جو نالو ڪراچيءَ سان جڙيل آهي- سيٺ هرچندراءِ وشنداس، سنڌ جو پهريون شهيد، ڪراچيءَ جو پرسڌ سماج سيوڪ هو. ١٩٢٨ ۾ ڪانگريس جو سڏ اونائي، بيمار بستري تان اٿي هو دهليءَ ڏانهن ويو جو اسيمبلي ميمبر هئڻ ڪارڻ سندس ووٽ جي ضرورت هئي سائمن ڪميشن جي بائڪاٽ

ماڌوداس شوالومل سنڌ اسيمبلي ميمبر ڪانگريس طرفان ١٩٤٢ ۾ ٣ سال جيل ياترا، مٿراداس ڪٺاريا جيڪب آباد، ڊاڪٽر ٻريداس ٻيلارام ٻدلاڻي، نارائڻداس ڄي. واڌواڻي، گرداسمل منگھومل، سور گيه ٻسومل ٻرجواڻي، سور گيه ڪوڏومل هيرانند، حاجي جان محمد جيڪب آباد، ديوي ڏنومل، شيمتي مائيڏنومل، لڇومل پوهومل ڪٺوريا، شريمتي ميران مٿراداس ڪٺاريه، راڌا ڪرشن ٽولارام لالا جيڪب آباد، سترامداس لالچنداڻي، برڪت علي آزاد سرگرم انقلابي، محمد امين کوسو سنڌ ۾ ڪانگريس ٽڪيٽ تي اڪيلو قومي مسلمان چونڊجي آيو. نارائڻداس وسومل، ٽولاڻي، مرحوم اسلم اچڪزئي، رشنداس ٽلريجا، نارائڻداس سيتلاڻي، ٽومل ڪيمچند، ڪيراجمل لالا، سوڀراج جيوٽداس چاولا، سور گيه ماستر دولترام، سور گيه ڌمومل لکيومل راجديو، سور گيه واڌومل ٽڪيومل، ڪشومل ٻنيومل، عبدالڪريم گداڻي (ٽل جو)، شريمتي پرميشوري ٻيسومل ٻڌاڻي، گرداسمل (ڪنڊڪوٽ)، خوشيرام، ٽلومل ڏيرومل، ايسرداس پرمچند، هوندراج ريجهواڻي، جيوٽلال ڄيرامداس، ڀڳتراءِ ڪلومل آريه، ماستر پيمسين آريه، ماستر وشنداس ڪانگريس ورڪر، گوبندرام ليلارام (سکر واسي)، ڀڳتراءِ ڪاومل آريه، سور گيه پنجومل سومومل ڪانگريسي، سور گيه ٽولارام گدومل، ڪيشو وزيراڻي، سور گيه سنيومل سودارام، هاسانند رامچند واڌواڻي، ڦڳڻمل صوفي، ميرچنداڻي ارجن خونچند، عالمچند رمنداس، خوشالداس لاڏڪمل ٽلريجا، ڪشنچند ريلومل، سور گيه پرمانند ليونڊرام سچديو، سور گيه پرمانند وهنواريمل، پريداس ڪلومل، گوبندرام.

حيدرآباد ضلع

کراچيءَ کانپوءِ ٻيو نمبر اهميت حيدرآباد ضلع کي هئي. حيدرآباد ضلع جي خاص وشيشتا اِها هئي ته ان ضلع سنڌ ۾ آزاديءَ جي هلچل کي گهڻي ۾ گهڻا اڳوان ڏنا.

آچاريه جيوترام ڪرپالاڻي جو ديش جي آزاد ٿيڻ وقت ڪانگريس جو پرڌان هو، سو حيدرآباد جي ڏيهن هئي. سنڌ جي پرسڌ ترمورتيءَ جا انگ، شري جئرامداس دولترام جو آزاديءَ کان اڳ، ڪيترو عرصو آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري ٿي رهيو ۽ آزاديءَ بعد آسام ۽ بهار جو گورنر ٿي رهيو ۽ پڻ مرڪزي وزارت ۾ ڪئبينيٽ جي درجي وارو منتري، ڊاڪٽر چوئترام گدواڻي جو سالن جا سال سنڌ پرانتڪ ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو پريزيڊنٽ ٿي رهيو ۽ پروفيسر گهنشيام شوداساڻي جو سنڌ اسيمبليءَ ۾ ڪانگريس پارٽيءَ جو اڳوان هو، سي ٽيئي حيدرآباد جي پيدائش هئا.

سنڌ جي پرسڌ قومي اخبار ”هندو“ (پوءِ هندستان) سا به شروعات ۾ حيدرآباد مان ئي نڪرندي هئي ۽ پوءِ ڪراچيءَ ۾ کڄي وئي. شري غلام محمد ڀرڳڙي به حيدرآباد ۾ ڄائو ۽ نپنيو. شري جيٺمل پرسرام اعليٰ درجي جو ساهتيڪار ۽ پترڪار به حيدرآباد ڏنو. مهاراج وشنو شرما ۽ پاڙس لوڪرام شرما به حيدرآباد ڏنا. گانڌيڌام جو آڏيندڙ ڀائي پرتاب به حيدرآباد ۾ ڄائو ۽ نپنو.

ديس پر جا انقلابي حيدرآباد ۾ اچي آشرو وٺندا هئا. حيدرآباد جو برهم چريه آشرم آزاديءَ جي يڌ جو هڪ زبردست اڏو هو.

واري ٺهراءَ لاءِ. دهلي سيشن ٽان لهي اسيمبلي هال ڏانهن ويندي سندس پران پکيڙو اڏامي ويو. شڪارپور جو نوجوان ميگهراج للاڻي مهاراشٽرين لوڪ ڏنالريه ڪراچيءَ ۾ ١٦ اپريل ١٩٣٠ ع پوليس جي گوليءَ جو شڪار ٿيو، جڏهن ڪورٽ ۾ ستياگرهين خلاف ڪيس هلندي، پوليس ڪاني ۾ ڪني ٿيل انبوهه تي بنا اطلاع گولي هلائي. ان گولي بازيءَ ۾ ئي سنڌ جي پرسد نيتا شري جئرامداس دولترام کي ساٿر ۾ گولي لڳي جنهن تي مهاتما گانڌيءَ کيس انڊ وسرڻ جهڙو سنديش موڪليو:

"مبارڪون - جيل کان گولي بهتر،
سيني ۾ گولي، ساٿر کان وڌيڪ."

١٩٣٦ ۾ سنڌ بمبئي پرانت کان ڌار ٿي. جڏهن ١٩٤٢ واري ڀارت ڇوڙو هلچل هلي رهي هئي انهن سنڌ جو وڏو وزير خان بهادر الله بخش سومرو هئو. هن انگريز سرڪار جي پارليامين جي بنا رضامنديءَ ڀارت کي ٻي مها ڀاري لڙائيءَ ۾ گهلڻ خلاف آواز اٿاريو ته گورنر کيس مکيه منتريءَ جي پد تان هٽائي ڇڏيو. پوءِ مسلم ليگين سندس خون ڪرائي ڇڏيو ۽ ائين هو شهيد ٿيو.

ڪراچي کي گجراتي پارسين هڪ مهان سوکڙي ڏني. شاردا مندر جي روپ ۾ جو قومي سرگرمين ۽ ڀارتي سنسڪرتيءَ جو هڪ اعليٰ ڪيندر هئو.

ڪراچيءَ ١٩٤٦ جي ساموندي فوج جي ودروهه ۾ به ڀاڱو ورتو. ڪراچيءَ هڪ مهان سپوت کي جنم ڏنو — جمشيد نسروانجي مهتا، جنهن ڪراچيءَ کي ڀارت جي سندر ۾ سندر نگري بڻايو. جيئني پڻ سپاهيملاڻي جا سنڌ اسيمبليءَ ۾ ڊپٽي سپيڪر هئي ۽ هتي بمبئيءَ ۾ وڌان پرشد جي ڊپٽي چيئرمن ٿي سا به ڪراچيءَ جي ڌيءَ هئي.

آچاريه آسودي مل گدوانيءَ کي به وساري نه ٿو سگهجي، هو خود، ڌرمپتني، ڀاڳ عالم، پڻ ڀارتي.

لاڙڪاڻہ ضلع

سنڌ جو لاڙڪاڻہ ضلع ڪوين، شاعرن ۽ سنگيتڪارن لاءِ مشهور هو. شري هوندراج "دکايل" جو سنڌ جو جڳ راشٽريہ ڪوي هو سو لاڙڪاڻي جي دين آهي. سندس گرو، سورڳيہ ڪشنچند ٻيوتداس ڪٿري، "ٻيوس" بہ، لاڙڪاڻي ئي اسانکي ڏنو. نوازعلي نياز جنهنجو پرسد گيت- مرحبا ڇڏجي انهن کي ملڪ لئہ جي ماربا- جو سرگسن ۽ جلسن ۾ ڳايو ويندو هو، سو بہ لاڙڪاڻي ضلع جو هو.

لاڙڪاڻو سياسي سرگرمين جو بہ مرڪز هو. سر شاهہ نواز ڀٽو ۽ محمد ايوب کهڙو سنڌ جي راڄنيتيءَ جون ٻہ ڄمرليون هستيون، هڪ قومي خيالات وارو ۽ ٻيو ڪٽر فرقي پرست سي ٻئي بہ لاڙڪاڻي ۾ ئي اُڀريا ۽ اُسريا.

لاڙڪاڻي ٻہ سوتنتر سئنڪ ڏنا جن کي پرانتڪ اهميت هئي- شرِي سيرومل وشنداس ايسراڻي جو سنڌ ۾ اسيمبليءَ جو ڊپٽي سپيڪر ٿيو ۽ ٻيو شري نهچلداس هميتسنگهاڻي جو ١٩٣٠ جي نمڪ ستياگرهہ جي دوران شري جئرامداس دولترام ۽ شري سي. ٽي. وليڇا کانپوءِ سنڌ جـو ٽيون ڊڪٽيٽر ٿيو.

لاڙڪاڻي پرسان رتيديري جي ڳوٺ ۾ شري دکايل جي نگرانيءَ هيٺ هڪ شاهي جوڙجڪي ڪارڻ جو آشرم ستاپن ڪيو ويو جو هندو مسلم ايڪتا ۽ ڳوٺ سڌار ڪرڪن جو مکيہ مرڪز هو.

سورڳيہ پروفيسر رام پنجواڻي، سنڌيت جو علمبردار بہ

نواب شاهه ضلع

نواب شاهه ضلع جا ٻه مکيه حصا هئا، ساهتي ۽ باقي نوابشاهه ضلع. ساهتيءَ وارو حصو آزاديءَ جي لڙت جو هڪ مهان ڪيندر هئو. ساهتي علم جي خيال کان اڳري هئي، ساهتيءَ جي ننڍن ننڍن شهرن ۾ ٻه سڪول هئا ۽ وديا جو ڦهلاءُ زوردار هو. آزاديءَ جي لڙت جي سلسلي ۾ ساهتي ٻن ڳالهين ڪارڻ ٻين سڀني ضلعن کان چڙهي ته اڳري هئي. هڪڙو ته ساهتيءَ گهڻي ۾ گهڻا مهاتما گانڌيءَ جي آدرشن جا پوئلڳ پيدا ڪيا، سادگيءَ ۽ سچائيءَ جا پتلا ۽ ٻيو ساهتيءَ ۾ گهڻي ۾ گهڻا جوڙجڪي ڪارڪن جا اڏا هئا، کاديءَ جي وڪري جا دڪان، کادي پيدا ڪندڙ مرڪز، چرخا، آڏاڻا وغيره.

سنڌ ۾ گهڻي ۾ گهڻا قومي خيالات رکندڙ مسلم اڳوان ڪم ڪندڙ ساهتيءَ ۾ هئا.

ساهتيءَ هڪ ڪتاب ڇاپائين جو ڏنو جنهن جا گهڻي ۾ گهڻا پاٽي، مرد توڙي استريون، نهرو ڪتاب جيان آزاديءَ جي لڙت ۾ گهڙيا ۽ جيل ياترا ڪئي. ساهتيءَ جو ٻيو پرسڌ قومي خيالات وارو ڪتاب هو ٻالاڻي ڪتاب.

سنڌ جي جدا ٿيڻ ڪانپوءِ جڏهن سنڌ کي پنهنجي الڳ اسيمبلي ملي، تڏهن پهرين اسيمبلي پروگرام ڪانفرنس ساهتيءَ جي ڪنڊياري شهر ۾ ٿي.

شري جيرامداس دولترام جي جڏهن مکي هرڪشنداس سان بمبئي اسيمبليءَ جي ميمبريءَ لاءِ زبردست ٽڪري لڳي تڏهن ساهتيءَ مان جيرامداس کي وڌ ۾ وڌ ووٽ مليا. ساهتيءَ مان شري نيوندرام وشنداس ٻه دفعا بنا مخالفت جي سنڌ اسيمبليءَ تي چونڊجي آيو.

جيڪب آباد ضلع

جيڪب آباد سنڌ جو سرحدي ضلع هئو ۽ ان ڪري اُنجو ڪاروبار سنڀالڻ لاءِ ڪليڪٽر جي بدران ڊپٽي ڪمشنر مقرر هئو. اُن ضلع ۾ ڪيترن موقعن تي سرڪاري عملدار فرنٽيئر ريگيوليشن جو اپيوگ ڪري قومي سيوڪن کي ستائيندا هئا ۽ ساڻن وڏيڪ سختيون ڪندا هئا. ڪيترن موقعن تي ان فرنٽيئر ريگيوليشن هيٺ بنا ڪيس ۽ مقدمي هلائڻ جي ٣-٣ سال ڪين جيل ۾ رکيو ويندو هو.

جيڪب آباد شهر کي ١٩٣٠ جي لڙت جي دوران قومي جهنڊي جو ستياگره ڪرڻ جو شرف حاصل ٿيو جو اُتان جي عملدارن شهر ۾ ميونسپل جي باغ جي اندر قومي جهنڊو چاڙهڻ تي بندش وڌي هئي. اُن ڪارڻ سڄي سنڌ مان والنٽيئر جيڪب آباد ۾ اچڻ لڳا ۽ مشهور ناگپور جي جهنڊي واري ستياگره جهڙو ان ستياگره روپ اختيار ڪيو. سنڌ جي نئين ڊڪٽيٽر، شري نهچلداس هشنگهاڻيءَ کي به ان ستياگره جي دوران گرفتار ڪري سزاياب ڪيو ويو.

جيڪب آباد ضلع کي هڪ ٻيو شرف حاصل ٿيو جو سڄيءَ سنڌ مان اڪيلو قومي ويچارن وارو مسلمان جو ڪانگريس ٽڪيٽ تي سنڌ اسيمبليءَ تي چونڊجي آيو، محمد امين کوسو، سو هن ضلع جو هو.

هن ضلع ۾ هڪ سنياسي به نڪتو، هڪ اعليٰ شخصيت سوامي انگديو مهاراج، جو نوجوانن لاءِ هڪ اُتساهه ۽ پريرڻا جو سرچشمو هو. شري ماڌوداس شوالومل هڪ گريجوئيٽ نوجوان، زميندار پرــوار جو انش، شايد ننڍي ۾ ننڍو اسيمبلي ميمبر هو ۽ ڪانگريس ٽڪيٽ تي چونڊجي آيو.

لاڙڪاڻي ني اسانکي ڏنو. هو جيتوڻيڪ جيل ۾ ڪو نه ويو مگر هو پنهنجي قصبي پاڻ ۽ سنگيت سان قومي ڀاونا کي اڀڄنا ڏيندو هو. هتي ڀارت ۾ چين ۽ پاڪستان سان لڙاين جي دور ۾ هن جو جنگي جوڌن لاءِ ڌن ڪٺي ڪرڻ ۾ چڱو ڀاڱو رهيو.

چڪاڳو ڪمپنيءَ جو شري نانڪ مونواڻي جنهن لـي هتي ڀارت ۾ ١٩٤٢ جي هلچل ۾ لکل ريڊيو سٽيشن استاپن ڪرڻ جي ڏوهه هيٺ ڪيس هلايو ويو سو به لاڙڪاڻي جي پيداش هو.

لاڙڪاڻي هڪ ٻيو مونواڻي ڪٽنب به ڏنو جنهنجو ڀا آزاديءَ جي يڌ ۾ چڱو يوگدان هو. ان ڪٽنب جا ٽي ڀائر، رام، شيوڪ ۽ ٻلرام، ٽيئي سوتنتر سنگرام سان هڪ نه ٻئي نموني جڙيل هئا. رام جو ميٺارام هاسٽل ۾ ڪمرو هڪ آزادي لهرڪ جو شاگردن لاءِ اڏو هو. دادا شيوڪ، جنهن ٻالڪن جي ڀاريءَ جو ٻايو وڌو تنهن شري هرچرام ماريوالا سان گڏ ڏارسانا لوڻ ڏيپوءَ تي چڙهائي ڪندڙ سنڌي گروهه جي اڳواڻي ڪئي. ٻلرام "هندستان" سان جڙيل هو ۽ پنرواس جي ڪاري ۾ سندس چڱو يوگدان هو.

سنڌ جي پرسڌ قومي اخبارن "هندستان" ۽ "هندواسي" جو موجوده سمپادڪ شري ٽيرٿ سڀاڻي به اسان کي لاڙڪاڻي ڏنو.

ڪاڪو پريداس ٽولاڻي جنهن گانڌيدام ۾ اڌ درجن تعليمي سنستائون ستاپن ڪيون ۽ جنهنکي پاڪستان نهڻ ڪان پوءِ الڳ بند ڪيو ويو سو به لاڙڪاڻي جو ناگرڪ هو.

سنت ڪنور رام جنهن جو رڪ سٽيشن تي خون ڪيو ويو سو به سکر ضلع جي روهڙي ڊويزن جو هو. شري هاسارام پمناڻيءَ جو خون ڪيو ويو جو هن سنڌ اسيمبليءَ ۾ تقرير جي دوران چيو ته سنت ڪنور رام جو خون پرچنڊيءَ جي پير ڪرايو آهي.

ٻي سنڌ اسيمبلي پروگرام ڪانفرنس سکر جي چڪ ڳوٺ ۾ ٿي جنهن جي صدارت شري بولاڀائي ڊيسائي ڪئي.

سکر هڪ ٻيو جوڙجڪي ڪاريه ڪرتا کي جنم ڏنو- شري پيسومل چاندواڻي جنهن جي نالي اڄ به هتي هندستان ۾ ٻارن ۽ استرين جي آڌار لاءِ ٽرسٽ هلي رهيا آهن. سکر ٻڻ هڪ ٻيو اُديوگپتي ڏنو سيٺ منگهارام پمناڻي جو هر قومي ۽ سماجڪ ڪاريه ۾ سهيوگ ڏيندو هو.

پهرين استري ستياگرهي ڀيڻ جا سنڌ ۾ جيل ۾ وئي، گنگاديوي، سا سکر ضلع جي شڪارپور شهر جي هئي. ڊاڪٽر ڪشنچند بولچنداڻي جنهن جي ڀيٽ شري ڄئرامداس شري جمشيد مهتا سان ڪئي ۽ پروفيسر ٽاراچند گاجرا جنهن ڊراميٽڪ نموني ۾ سرڪاري نوڪريءَ جو تياڳ ڪيو سي شڪارپور ڏنا. شڪارپور ٻه ٻيا پنجابي ڪٽنب جون شخصيتون ڏنيون- ديوان بهادر مرليڌر جنهن ١٩٢١ ۾ ڪانگريس جو سڏ اونائي بمبئي اسيمبليءَ لاءِ اميدواريءَ تان هٿ ڪڍيو ۽ ٻيو ڊاڪٽر گوبندرام پنجابي جو سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. شڪارپور ٻه ٻيا دانوير ڏنا- سيٺ پرسرام پارومل جنهن الهاسنگر ۾ تعليمي سنستائون جاري ڪيون ۽ شري پياري لعل وليچا، ڪاڪي صوبراج وليچا جو سپٽر.

سکر ضلع

سنڌ جي اتر سنڌ يا اُتر سنڌ واري حصي ۾ سکر ضلع وڌ ۾ وڌ اهميت وارو هو ۽ سکر ضلع جو وڌ ۾ وڌ يوگدان هو. سکر ضلع جا ٽي مکيه حصا هئا - روهڙي ڊويزن، سکر شهر ۽ تعلقو ۽ شڪارپور.

سنڌ جو پهريون راجنيتي ڪيس سکر ضلع جي ٽن ماڻهن خلاف ڪيو ويو هو - ديش ڀڳت ويرومل بيگراج، شري گوردن شرما ۽ سيٺ چيتومل هريرام جنهن ڪيس ۾ جوابدارن کي پنج سال ۽ ٽي سال سزا ڏني وئي.

حيدرآباد جيڪڏهن ديس جي انقلابين کي اجهو ڏنو ته سکر وري گهٽي ۾ گهٽا انقلابي پيدا ڪيا جن جو اڳوان هئو شري پرچو ودياراٿي.

سنڌ جو پرسڌ نوجوان شهيد هيمون ڪالاڻي جنهن کي سنڌ جو ڀڳت سنگهه ڪري سڏيندا آهن سو سکر ۾ ڄائو ۽ نپنو.

مهاتما گانڌيءَ جڏهن ڊانڊي مارچ شروع ڪئي تڏهن سکر مان پنجن نوجوانن جي ٽولي شري چوئٿرام وليچا جي اڳوانيءَ هيٺ ان مارچ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ وئي مگر مهاتما کين سنڌ ۾ واپس وڃي اُتي ستياگرهه ڪرڻ جو آديش ڏنو.

سنڌ جيڪي ڇهه شهيد ڏنا انهن مان چار سکر ضلع جا هئا - نوجوان هيمون ڪالاڻي، مينگهراج للهه، شري هاسارام پمناڻي ۽ خان بهادر الاهه بخش سومرو.

ٿرپارڪر ضلع

ٿرپارڪر ضلعي جا ٻه مکيه حصا هئا؛ هڪڙو ميرپور خاص وارو حصو ۽ ٻيو ٿر وارو حصو جو ٿر جي بيابان جو حصو هو. ٿرپارڪر ضلعي جي هڪ ٻي وشيشتا اها هئي جو ان ضلعي ۾ هريجن ۽ ڪي ٻيون پٺتي پيل جاتيون رهنديون هيون. هن ضلعي جي گڏري شهر ۾ جوڙجڪي ڪاريه جو هڪ مکيه ڪيندر هو جتي کادي وغيره ٺهندي هئي. شري ٻالوءَل پرسڌ ڪاريه ڪرتا ان ڪيندر جو سنچالڪ هئو.

هن ضلع جو مکيه ڪانگريس نيتا هو ڊاڪٽر وٽومل گدواڻي جو ١٩٣٠ واري تحريڪ ۾ ٽن ميمبرن واري "سنڌ ستياگره ڪائونسل" جو هڪ ميمبر هو جنهنجو چيئرمن شري جئرامداس دولترام هو ۽ ٻيو ميمبر هئو شري چوئٿرام ولڀچا.

شري آسنداس خوشحالداس جو مشهور اي.داس ۽ ڪمپني جو مکيه ڀائيوار هو ۽ جو ساهتيءَ جو هو تنهن ته پنهنجي ڌنڌي لوڙهين ساروجنڪ سرگرمين جو ڪيندر هن ضلع کي بڻايو. هندستان ۾ اچڻ بعد هن پنهنجو گهڻو وقت سنڌي نرواسين جي بيقاعدي رد ٿيل ڪليمن جي منظور ڪرائڻ ۾ صرف ڪيو.

سوامي ڪرشنانند مهراج جو اصل هماچل پرديش مان آيو هو ۽ جنهن سنڌ کي پنهنجو سمورو جيون ارپڻ ڪيو تنهنجو هن ضلعي ۾ هريجنن جي سيوا ۾ چڱو چوکو يوگدان هو ۽ هو هن ضلعي مان ئي سنڌ اسيمبليءَ تي چونڊجي آيو. ڀارت ۾ اچڻ بعد هو هماچل راڄيه جي اسيمبليءَ تي چونڊيو ويو.

دادو ضلع

آزاديءَ جي يُڌ ۾ سنڌ جي دادو ضلع پڻ ساراهه جوڳو ڀاڱو ورتو. ڪوٽڙي، مانجهند، مانجهو، سن، لڪي ٽيرٿ، سيوهڻ، ڀوبڪ، ڀان، دادو شهر، جوهي، راڌڻ وغيره شهرن ۾ هلچل ۾ چڱو چوکو واڌارو ورتو هو. مهراج دوارڪا پرساد شرما، پنڊت اديه ڀانو، محمد رمضان، شري لوڪرام هيمراجاڻي، شري گوڊومل اڏارام ضلعي جا مکيه ڪم ڪندڙ هئا.

دادو ضلعي جي ڪم ڪندڙن ۱۹۲۱، ۱۹۳۰، ۱۹۳۲ ۽ ۱۹۴۲ع مڙني تحريڪن ۾ سرگرم ڀاڱو ورتو. مهراج دوارڪا پرساد اهڙو ته لوڪپريه اڳوان هو جو جڏهن کيس گرفتار ڪري لاڪپ ۾ رکيو ويو ته انبوهه ماڻهن جو لاڪپ تي ڪاهي ويو ۽ کيس آزاد ڪرائڻ لاءِ ۽ اختياريءَ وارن مجبورن کيس لڪ ڇپ ۾ اتان ڪڍي ٻاهر موڪلي ڇڏيو. مهراج دوارڪا پرساد جي هڪ ٻي ڏين هئي لوڪمانيه ٻال گنگاڌر تلڪ جي انمول گرنٿ گيتا تي ڀاشيه جو سنڌيءَ ۾ ترجمو.

۱۹۴۲ جي تحريڪ دوران دادوءَ ۾ ڇهن ڄڻن کي بي رحميءَ واري ڦٽڪن جي سزا ڏني وئي - ڏهن ڏهن ڦٽڪن کان ويهن ڦٽڪن تائين.

سورڳيه شري دولترام منگتاڻي جنهنکي دادو ضلعي مان نيڪالي ملي هئي ۽ بلوچستان ۾ آزادي تحريڪ ۾ سزاياب ٿيو سو به دادو ضلعي جو هو.

دادو ضلعي جي هڪ ڪاريه ڪرتا شري ڪڏڻمل کي پڻ دادوءَ مان هڪالي ڪڍيو ويو هو.

دادو ضلعي مان شري جمشيد مهتا ۽ شري پرسرام ٿڌاراماڻي سنڌ اسيمبليءَ تي چونڊجي آيا هئا.

سنڌ جا ڪي ٻگانا سنگرامي پريوار

۱- ٽانواڻي ڪٽنب

جيئن ڀارت جي آزاديءَ جي يڌ ۾ نهرو ڪٽنب جو انوکو يوگدان رهيو آهي جو ان ڪٽنب جي ٽن پيڙهين سوتنترتا سنگرام ۾ ڀاڱو ورتو تيئن سنڌ جي پرسڌ ٽانواڻي ڪٽنب جو به يگانو يوگدان رهيو جو ان ڪٽنب جي ٽن پيڙهين جي ڏهن ڀاتين جيل ياترا ڪئي.

ان ٽانواڻي ڪٽنب جو مربي هو ڪاڪو سچانند ٿيرومل جو سرڪاري ملازم هو. ۱۹۰۷ ۾ جڏهن خودي رام بوس کي ڦاسيءَ جي سزا ملي تڏهن هن سرڪاري نوڪريءَ جو تياڳ ڪيو ۽ سيني تحرڪن ۾ ڀاڱو ورتو. هو پاڻ جيل ۾ ويو، سندس ٽي پٽ موتو، گوبند ۽ روچي، ٽنهي جيل ياترا ڪئي، ٽنهي جون ڌرم پتنيون، جانڪي، تلسي ۽ ڪملا پڻ يڌ ۾ شريڪ ٿيون ۽ جيل ياترا ڪيائون. سندس اڪيلي ڌيءُ ڪيسي پڻ جيل ويئي ۽ روچي رام جو سپتر جڳديش ۽ سپتري آشا پڻ جيل جي تيرٿ ياترا ڪئي.

ڪاڪي سچانند پاڻ ۱۹۱۹، ۱۹۲۱، ۱۹۳۰، ۱۹۳۲ ۽ ۱۹۴۲ ۾ جدا جدا عرصن لاءِ سزائون ڀوڳيون. سندس وڏو پٽ موتومل ڪاليج جي پهرئين سال ۾ هو جو ۱۹۳۰ جي هلچل ۾ ٽپي پيو ۽ جيل اماڻيو ويو، ۱۹۳۷ ۾ ڪيس پوليس جي ظلم خلاف آواز اٿارڻ ڪارڻ ڇهه مهنا جيل جي سزا ملي، ۽ آخر ۾ ۱۹۴۲ ۾ جيل جهاڳيو پيس. ڪاڪي جو ٻيو پٽ گوبندرام، ۱۹۳۰ ۾ ڪاليج ۾ هو جو جنگ ۾ ٽپي پيو

خيرپور رياست

سنڌ جي اُتر ضلعن کانسواءِ سنڌ ۾ هڪ رياست به هئي خيرپور جي ٽالپر سان جنهن تي مِيرن جو راڄ هو. آزاديءَ جي پڄاڻان ڀارت ۾ جيڪي به رياستون هيون انهن ۾ آزاديءَ جي هلچل چالو ڪانه ڪئي وئي هئي. ديس جي آزاد ٿيڻ ڪانپوءِ ئي انهن رياستن کي ديس ۾ جذب ٿيڻ جو لهرڪ شروع ٿيو. مگر رياستن ۾ رهندڙ ڪيترا محب وطن رياست کان ٻاهر نڪري انگريزن جي هٿ هيٺ وارن ايراضين ۾ اچي آزاديءَ جي پڄ ۾ ڀاڱو وٺندا هئا.

سنڌ جي خيرپور رياست مان به ڪي ڀائر سکر ضلع ۾ اچي هلچل ۾ ڀاڱو وٺندا هئا. انقلابي پرچو وڌيارٿي به اصل خيرپور رياست جو باشندو هو. ٽنهن سواءِ خيرپور رياست اسانڪي هڪ اعليٰ جوڙجڪي ڪاريه ڪرتا به ٽئو شري ليجورام جو هڪ آشرم هلائيندو هو. هن آزاديءَ جي پڄ ۾ به ڀاڱو ورتو ۽ جيل ياترا ڪئي.

قلات ۽ بلوچستان

سنڌ جي اُتر ۾ قلات ۽ بلوچستان هئا. بلوچستان ۾ به هڪ اعليٰ سوتنتر سنگرامي پيدا ٿيو خان عبدالصمد خان جنهنکي بلوچستان جو گانڌي ڪري ڪوٺيندا هئا. هو سنڌ ۾ به ڪيترا دفعا آيو. هڪ لڳا جيڪب آباد ضلع جو دورو ڪري رهيو هو ته هڪ هنڌ انگريزن جي چارٽن مٿس هڪ ميڙ ۾ حملو ڪيو جنهن ۾ سنڌ پراندڪ ڪانگريس ڪاميٽيءَ جي پريزيڊنٽ ڊاڪٽر چوٿرام گدواڻيءَ کي به ڌڪ لڳا. سنڌ جا ٻه سوتنتر سنگرامي ڪوئيٽا ۾ هلچل ۾ شهيد ٿيا، شري ڏنومل ساهنيءَ جو ۽ شري دولترام منگتاڻي دادو ضلع جو.

انگريز سرڪار سندس ڪيترا ڪتاب ضبط ڪيا جي بغاوتي ليکن سان پُر هوندا هئا. افسوس جو هو جوانيءَ ۾ ئي سرڳ ڏانهن سڌاري ويو. هن لاڙڪاڻي جي گهار واهه ۾ سنان ڪندي ٻڏي ڏني ۽ وري ٻاهر نه نڪتو.

گاجرا ڪٽنب

شڪارپور جي گاجرا ڪٽنب جي ڪيترن ڀاتين به قومي تحريڪ ۾ حصو ورتو. پروفيسر ٽاراچند گاجرا ۱۹۲۱ ۾ نهايت ئي ڊراميٽڪ نموني پنهنجي نوڪريءَ جو تياڳ ڪيو. هو ان وقت شڪارپور جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ فرسٽ اسسٽنٽ هو. ۱۰ فيبروريءَ تي اسڪول ۾ هڪ جلسو رکيو ويو هو جتي سرڪار طرفان ٻي مهاڀاري يُڌ جيتڻ ڪري شاگردن ۾ ٻل ورهائڻ جو پروگرام رٿيل هو. پروفيسر صاحب تي ڪم رکيل هو انهن ٻلن ورهائڻ جو. انهن ٻلن تي لکيل هو Honour and Liberty يعني آزادي ۽ عزت جو چنهه. پروفيسر صاحب ڀاشڻ ڪندي چيو ته هن سرڪار وٽ نه اسانکي آزادي آهي ۽ نه سؤمان. ان ڪري مان اهي ٻل ڪونه ورهائيندس ۽ مان هن سرڪار جي نوڪري ڪرڻ پاپ ٿو سمجهان. ائين هو هال مان نڪري آيو. ساڻس گڏ سوين شاگرد به نڪري آيا ۽ شاهي جلوس ڪڍيو ويو. پروفيسر صاحب سان گڏ سندس ننڍو ڀاءُ هرشچندر، سؤمت شانتي سروپ ۽ نندرام ۽ پٽس ٻلديو اسڪول جو بهشڪار ڪري ٻين ڪيترن شاگردن سان گڏ نڪري آيا. ٻلديو ته هر تحريڪ ۾ جيل ياترا ڪئي.

۽ سزاياب ڪيو ويو. ۱۹۴۲ ۾ وري هڪ ڀيري ڏاهه واري ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو ۽ لنبو عرصو زير دريافت تي جيل ۾ رهيو. ان زماني ۾ پڻ اروڻا آصف علي جا زير زمين اڪل هئي سا ۳ مهنا ساندهه وٽس رهيل هئي. ڪاڪي جو ٽيون پٽ روچيرام ۱۹۴۲ ۾ يُڌ ۾ ٽپي پيو ۽ ۲ سال جيل ۾ رهيو. ائين ان ڪٽنب جي ڏهن ڀاتين سنگرام ۾ ڀاڱو وٺي هڪ قسم جو بي نظير رڪارڊ قائم ڪيو.

۲- گدواڻي ڪٽنب

هيءُ لاثاني ڪٽنب جنهنجا ٻه جدا جدا ڀاتي سوتنترتا سنگرام ۾ جيل ويا سو هئو ڪراچيءَ ۾ رهندڙ گدواڻي ڪٽنب. آچاريه آسودومل گدواڻي مهاتما جي سمپرڪ ۾ آيو ۽ مهاتما کيس گجرات وديا پيٺ جو چانسيلر ڪري مقرر ڪيو. آچاريه گدواڻي پاڻ آزاديءَ جي يُڌ ۾ ڀاڱو ورتو ۽ جيل ۾ ويو؛ سندس ننڍو ڀاءُ عالم گدواڻي جيل ويو، سندس ڌرمپتني گنگا جيل ۾ وئي، سندس پڻ ٻارنتي گدواڻي پڻ جيل ياترا ڪئي. پڻ گنگا جو ٻيو، مهاتما گانڌيءَ سان ويجهڙائيءَ جو سمپرڪ رهيو.

۳- ٻالاڻي ڪٽنب

ساهتيءَ جو هڪ ٻيو ڪٽنب هو ٻالاڻي ڪٽنب جنهنجا ڀاتي ٻه قومي ڀاوناڻن سان ڀر هئا. مينگهراج ٽولارام ٻالاڻي ۽ هڪ نوجوان هو جنهن ۱۹۲۰ کان ٻه اڳ واري سوديشي هلچل جي زماني ۾ نالو ڪڍيو. هو ڪوي به هو ۽ پترڪار به ۽ پرچارڪ به. هو سنڌ جي ڪيترن شهرن ۾ ويو ۽ پنهنجن اُساهي ڀاشڻن سان دونهون دکائيندو رهيو.

باب ٽيون

سنڌ جا ڇهه شُوبد

سيٺ هرچندراءِ وشنداس

سيٺ هرچندراءِ وشنداس سنڌ جي هڪ اميري ڪٽنب ۾ جنميو ۽ وڏي لاڏ ڪوڏ سان پاليو ۽ ٽاليو ويو. هو سنڌ جو هڪ ٻرڪ وڪيل هو. اوائلي قومي هلچل جي دوران هو سنڌ ۾ ڪانگريس جو مکيه نيتا هو. هو هند اسيمبليءَ جو چونڊيل ميمبر هو ۽ جيون جي شام ۾ هو ڪانگريس پارٽيءَ جي سڏ تي بيماريءَ جي بستري مان اُٿي، ڊاڪٽرن جي هدايت کي ٺوڪر هڻي، هند اسيمبليءَ ۾ سائمن ڪميشن خلاف ٺهراءَ تي ڪانگريس پارٽيءَ سان ووٽ ڏيڻ لاءِ دهلي ويو ۽ اسٽيشن کان اسيمبلي هال ڏانهن ويندي هن پراڻ تياڳيا.

سيٺ هرچندراءِ جو جنم مئي ۱۸۸۲ ۾ سنڌ جي دادو ضلع جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ مانجهوءَ ۾ ٿيو ۽ هو ۱۶ فيبروري ۱۹۲۸ تي هن دنيا کان موڪلائي ويو.

سيٺ هرچندراءِ جڏهن ۲۴ سالن جو هو ۽ ڪراچيءَ ۾ وڪالت شروع ڪيائين تڏهن کان ئي پبلڪ جيون ۾ پاڳ وٺڻ لڳو. ۱۸۸۷ ۾ ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو ميمبر چونڊيو ۽ ۱۹۱۱ کان ۱۹۲۱ تائين انجو پريزيڊنٽ ٿي رهيو. ۱۹۰۸ ۾ سکر ۾ جا پهرين پرانتڪ راجنيتي ڪانفرنس ٿي انجو هو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو ۽ ۱۹۱۳ ۾ جيڪو اٺاويهون ڪانگريس اجلاس ڪراچيءَ ۾ ٿيو انهي آجيان ڪاميٽيءَ جو چيئرمن هو.

وڪالت جي کيتر ۾ هو بلڪل ئي ٻرڪ وڪيل ڪري

شڪارپور جو هيمنڍيو پريوار

شڪارپور جو هڪ ٻيو پريوار هئو هيمنڍيو پريوار جنهن پريوار جا چار ڀاتي آزاديءَ جي جنگ ۾ شريڪ ٿيا هئا: سورڳيه شري گرڌاري لعل ڀي. هيمنڍيو، سندس ڌرمپتني سورڳيه لڪشمي ٻائي گرڌاري لعل هيمنڍيو، ۽ سندس ٻه پٽ سورڳيه شري پرڀلعل هيمنڍيو ۽ شري هريرام هيمنڍيو. هن پريوار جا ڀاتي هن وقت بمبئيءَ ۾ آهن ۽ ڪين چڱيون واپاري ڪوٺيون آهن. شري هريرام جون ٻئي ٽنگون ضربيل آهن مگر هو لٺين جي آڌار تي هلندو ڪندو آهي ۽ بعضي ساروجنڪ اُتسون ۾ سندس درشن ٿيندو آهي.

حيدرآباد جو جڳتياڻي پريوار

حيدرآباد جي جڳتياڻي پريوار جو ٻه ساراهه جوڳو يوگدان رهيو. سورڳيه ڊاڪٽر چمنداس ايسرداس جڳتياڻي ۽ سندس ننڍو ڀاءُ سورڳيه شري پيرومل ايسرداس جڳتياڻي ٻئي سوتنتر سنگرامي هئا. ڊاڪٽر چمنداس هتي ڀارت ۾ اچي واٽومل فائونڊيشن وارن کي پريرڻا ڏئي ماهيم ۾ سنڌ جي اسپتال کولرائي. شري پيرومل ٻٽي ۾ رهي پترڪار جي حيثيت ۾ ڪارج ڪندو رهيو. سندن ٻيو هڪ ڀاءُ سورڳيه وشنو جڳتياڻي به ڪانگريس ڪارج ۾ سرگرم ڀاڱو وٺندو هو.

ٽوپڻ مکي پريوار

ڪراچيءَ ۾ ٽوپڻ مکيءَ جو هڪ ڪٽنب پريوار هو جنهن جا ڪيترائي ڀاتي، مکي ڀاڳ، سندس ڌرمپتني، سندس پٽ پوتا هڙئي آزاديءَ جي لهر ۾ ڀاڱي ورتو.

١٩٣١ ۾ ڪراچيءَ ۾ جڏهن وري ٻيو دفعو ڪانگريس اجلاس ٿيو تڏهن ڪانگريس نگر کي هرچندراءِ نگر جو نالو ڏنو ويو.

شهيد دتاتريه

١٩٣٠ جي نمڪ ستياگرهه دوران ١٦ اپريل تي ڪراچيءَ ۾ پوليس ڪورٽ ٻاهران ڪٺي ٿيل انبوهه تي گولي هلائي جنهن ۾ شري ميگهراج للا ۽ دتاتريه شهيد ٿيا.

دتاتريه جو جنم ڪونڪڻ ديش جي رتناگري ضلع ۾ "آچڙي ڪيڙي" بندر نندي ڳوٺ ۾ ١٩١١ع ۾ ٿيو. سندس پتا ڪراچيءَ ۾ نوڪري ڪندو هو ان ڪري دتاتريه اوائلي تعليم ڪراچيءَ ۾ ڪياماڙي جي مرهٽي اسڪول ۾ ورتي. انگريزي تعليم اول سر جئڪسن اسڪول ڪياماڙي ۽ پوءِ شيواجي هاءِ اسڪول ڪراچيءَ ۾ ورتائين. هو تمام سشيل ۽ سڀاجهو نينگر شمار ٿيڻ لڳو. دتاتريه کي ڪثرت راندين جو زبردست شوق هئو. ڏنڊ، ٻيٺڪون، ڪشتي، "سنگل بار" "ڊبل بار"، لٺ ڦيرائڻ مطلب ته ويايام ڪرڻ جي اهڙي ته رچي هئس جو اسڪول مان نڪرڻ سان سڌو ويايام شالا ۾ پهچندو هو ۽ پاڻ جيڏن سان ڏهن پندرهن جي ٽولي وٺي ڪبڏي کيڏي هلندو هئو. سروجنڪ ڪارين لاءِ هر هنڌان پئي ڀنڊيون انڌيون هيون جتي هو نه رڳو پنهنجي ڪرتبن جو نماءُ ڪندا هئا، پر جلسي جي پربند ۽ بندوبست رکڻ جو به ڪاريه ڪندا هئا. انڪري سڀني جاتين، سنڌي، مرهٽي، گجراتين، ڪڇين، هندو مسلم سڀني ۾ دتاتريه جي ٽوليءَ کي سڏيو ٿي ويو ۽ هنن سندن پرشنسا پئي ڪئي.

ڪراچيءَ ۾ ان وقت آريه سماج جي پرڀاتي دانوير

شمار ڪيو ويندو هو. ١٨٩٠ کان پنهنجي مرتيوءَ تائين هو ڪراچي بار ائسوسيئيشن جو آنرري سيڪريٽري هو.

١٩٠٩، ١٩١٢ ۽ ١٩١٦ ۾ سيٺ هرچندراءِ بمبئي اسيمبليءَ تي چونڊيو ۽ ١٩٢٠، ١٩٢٣ ۽ ١٩٢٦ ۾ هو دهلي اسيمبليءَ تي چونڊيو ويو. بمبئي ڪائونسل ۾ توڙي هند اسيمبليءَ ۾ هو جڏهن تقرير ڪندو هو تڏهن سڀ ئي نهايت ڌيان سان کيس ٻڌندا هئا ڇو ته هو سدائين وشيه جو اونهو ابياس ڪري تقرير ڪندو هو.

سيٺ هرچندراءِ وڪالت جي امتحان پاس ڪرڻ کانپوءِ رشي ڏيارام جي صلاح تي شروعات ۾ ڪجهه عرصو سرڪاري نوڪري ڪئي ۽ شڪارپور ۾ ڪورٽ جو سرشتيدار مقرر ٿيو. ڪو عرصو هو ڪراچي ميونسپل جو قانوني صلاحڪار پڻ بڻيو. پر پوءِ سرڪاري نوڪري ڇڏي هن ڪراچيءَ ۾ اچي پنهنجي وڪالت جي آفيس کولي. هو "سنڌو سڀا" جو هڪ ٻلڪل سرگرم ميمبر هو ۽ سنڌ ڪاليجيئيٽ بورڊ جو ڪو عرصو وائيس پريزيڊنٽ هو. ٻين به ڪيترين ئي سارو جنڪ سنستائن سان سندس سنبنڌ هئو. ١٨٩٧ ۾ ڪراچيءَ ۾ پليگ جي سمي هن بيمارن جي ڏاڍي سيوا ڪئي.

١٩٢٨ ۾ جڏهن هند اسيمبليءَ ۾ ڪانگريس پارٽيءَ سائمن ڪميشن جي بهشڪار لاءِ ٺهراءُ پيش ڪيو تڏهن سيٺ هرچندراءِ ڪراچيءَ ۾ بيماريءَ جي بستري تي داخل هو. بلبل-هند شريمتي سروجني نائيڊو خاص ڪراچيءَ ڪهي آئي کيس وٺڻ لاءِ جو سندس ووٽ جي اشد ضرورت هئي. سيٺ هرچندراءِ فرض پالڻ لاءِ دهليءَ ويو.

سندس مرتيوءَ تي ديش جي اڳواڻن ۽ مکيه اخبارن کيس تمام دل اُٿاريندڙ شبدن ۾ شرڌانجلي پيش ڪئي.

اُٿلايا. شري جئرامداس لوڪن کي صبر ۾ رهڻ لاءِ چئي رهيو هو. اهڙي ۾ پورنيڪو واريءَ ڇتن تان گولين جي شروات ٿي. هڪ گولي سامهون واري جاءِ ۾ گهري وئي ۽ ڪي گوليون سڌيون هيٺ هجوم تي وسايون ويئون. هڪ گولي شري جئرامداس کي سٿر ۾ اچي لڳي ۽ رت ريلا ٿي وهڻ لڳو. ان گوليبازيءَ ۾ دتاتريه کي ٻه ٽي گوليون لڳيون ۽ هن اتي ئي پنهنجا پران تياڳيا ۽ شهادت جو جام پيتو. ٻيا ٻه جيڪي زخميا انهن ۾ شڪارپور جو هڪ نوجوان مينگهراج لالا به هو. هن کي اسپتال موڪليو ويو جتي ٻئي ڏينهن هو به شهيد ٿيو. ان ڏينهن شام جو دتاتريه جي ارٿي ڪڍي وئي. سڄو شهر گويا ارٿيءَ سان هو.

شهيد مينگهراج لالا

مينگهراج لالا اڃا ١٧ سالن جو هونهار نوجوان هو، جڏهن هو شهادت کي رسيو. سندس پتا سيٺ ريواچند شڪارپور جي مشهور لالا ڪٽنب مان هو ۽ ڪراچيءَ ۾ صراف يعني هنڊي پانڊيءَ جي پيڍي هئس. مينگهراج ۾ ديش ڀڳتيءَ جو ڀاو انڪري پيدا هو جو هو ديانند هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هو جتي ديش ڀڳتيءَ جون ڪهاڻيون پنهنجن ساٿي وديارٿين کي ٻڌائيندو هو. ان ۾ سيوا ڪرڻ جا اُمنگ هئا. ڪراچيءَ ۾ جيڪي به ڪانگريس طرفان ميٽنگون ٿينديون هيون انهن ۾ تمام چاهه وٺندو هو. ان ڪري هو والنٽيئر ٿيو. ١٦ اپريل تي به والنٽيئر ٿي ڪورٽ ٻاهران لوڪن کي شانت ڪرائڻ ۾ مشغول هو. ان ڏينهن سٽي مئجسٽريٽ جي ڪورٽ ٻاهران هزارين اچي ڳاهٽ ٿيا جن ۾ مينگهراج لالا به هو. ماڻهن کي شانت ڪرائڻ ۾ مشغول هو ته اهڙي ۾ گولين جو وسڪارو

سيٺ جسونتراءِ ٻنهي ڏرمپتنيءَ جي ياد ۾ شيلا جسونتراءِ وديالي شالا ٻرپا ڪئي ۽ ان جو سنچالڪ ڏاڏاڻي کي مقرر ڪيو ويو. انڪري ڪيترن ئي سنڌي جوانن کي وديالي سيکارڻ جو موقعو ڏاڏاڻي کي مليو. ڏاڏاڻي ۾ ديش ڀڳتي جو ٻرپاءُ هو. سوامي ڪرشنانند، نارائڻداس ٻيچر ۽ ٻين ڪيترن انقلابي نوجوانن جي سنگ ۾ آيو. مهاتما گانڌيءَ ١٩٣٠ ۾ ديش اندر لوڻ ستياگرهه جو آرنڀ ڪيو. ان وقت اهنسڪ يڌ جو والنٽيئر بڻيو ۽ فرض ادائي ڪندي شهادت پاتي.

١٣ اپريل ١٩٣٠، وساکيءَ جي ڏينهن، ساڳئي پوتر ڏينهن جڏهن ١٩١٩ ۾ امرتسر جي جليانوالا باغ ۾ معصوم ڀارتواسين جو جنرل اوڊائر (انگريز) خون وهايو هو، ان ساڳئي ڏينهن ڪراچيءَ ۾ لوڻ ستياگرهه جو آرنڀ شري نارائڻداس ٻيچر جي اڳوانيءَ هيٺ ٿيو. ستياگرهي جٿو نيٽي جيٽي تان سمنڊ جو کارو پاڻي کڻي رام باغ ميدان تي آيو، انهن ڇهن ميلن جي لنبي پد ياترا ۾ ٻيا به هزارين لوڪ ڪراچي نواسي جلوس ۾ انهن ستياگرهين سان اچي شريڪ ٿيا. رام باغ ميدان تي هزارين لوڪن جي وچ ۾ ستياگرهي جيئن لوڻ ناهي رهيا هئا، تيئن پوليس اچي اڳوانن کي گرفتار ڪيو. شري نارائڻداس آنند جي ٻيچر، ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي، شري رستم ڪي. سڌوا، ڊاڪٽر تاراچند لعلواڻي ۽ سوامي ڪرشنانند ان پهرئين جٿي ۾ هئا.

١٦ اپريل تي انهن اڳوانن کي مئجسٽريٽ جي اڳيان پيش ڪيو ويو. هشام ماڻهن جا اچي ڪورٽ اڳيان ڪٺا ٿيا اڳوانن جي درشن لاءِ.

ماڻهن ۾ ڏاڍو جوش هو ۽ ڪن ماڻهن پوليس ڏانهن پٿر

ڪاڌي فئڪٽري کولي ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ سوراج جو پيغام پکيڙيو. ١٩٣٠ ۽ ١٩٣٢ ۾ جيل ياترائون ڪيائين. ١٩٣٦ ۾ سنڌ جدا ٿي. ١٩٣٧ جي سنڌ اسيمبليءَ لاءِ چونڊن ۾ جي ست ڪانگريسي اُميدوار ڪامياب ٿيا تن ۾ شري ٻمناڻي به هو.

سال ١٩٣٩ ۾ سکر ۾ منزل گاهه جي سوال تي هندو مسلم ڇڪتاڻ ٿي ۽ جلد ئي ڀڳت ڪنوررام صاحب کي ڪن جنوني مسلمانن بندوق جي گوليءَ سان خون ڪيو. شري ٻمناڻيءَ اُن تي سنڌ اسيمبلي اندر آواز ڪڍيو ۽ ڪلم ڪلا چيو ته سنت ڪنوررام جي خون ۾ پرچنديءَ جي پير جو هٿ آهي. هو جيئن روهڙيءَ موٽيو ته اسٽيشن پرسان ١٧ جولاءِ ١٩٤٠ ۾ ڪنهن گولي هڻي ماريو ويو.

شري هاسارام ٻمناڻي غريبن ۽ يتيمن جو يار هو. درويش ۽ دلبر ماڻهو هو. ڪير به وٽس ويندو هو ته ان سان ڪلهي گهڻي پيار سان ڳالهائيندو هو. اسيمبلي ميمبر جي پد تي هوندي ڪڏهن به پاڻ کي وڏو ماڻهو نه سمجهندو هو.. نماڻو ۽ نهٺو هئو.

سنڌ جو امر شهيد هيمون ڪالاڻي

سنڌ جو امر شهيد هيمون ڪالاڻي سکر جي پرسنڌ ڪالاڻي ڪٽنب جو هڪ هونهار نوجوان هو جنهن ١٩٤٢ واريءَ ديش جي آخرين آزادي جي ”ڀارت ڇڏي وڃو“ واري يڌ ۾ شهادت جو جام پيتو.

جنهن وقت اها آخرين يڌ جاري ٿي تڏهن سنڌ جو وڏو حصو مارشل لا هيٺ هئو، ڇاڪاڻ ته حرن وڏو مچ مچائي ڏنو هو. حُر سکر ضلع جي پير ڳوٺ ۾ رهندڙ پير پاڳاري جا مريد هئا. انهن جو تعداد لکن ۾ هو. اهي

ٿيو. شري ڄئرامداس کي ٽنگ ۾ گولي لڳي. ڊاڪٽر لــ ٻرووقت شهيد ٿيو ۽ ميگهراج کي به گولي لڳي. سخت نازڪ حالت ۾ کيس اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو. مگر گوليءَ جي اوڻهي گهاو کيس شهادت جو جامو پهرايو.

ان گوليبازيءَ جي سلسلي ۾ مهاتما گانڌيءَ شري ڄئرامداس ڏانهن هڪ دل اٿاريندڙ سنديش موڪليو: "مبارڪون - گولي جيل کان بهتر؛ سيني ۾ گولي ٽنگ کان وڌيڪ." مهاتما شهيد ڊاڪٽر ۽ ميگهراج جي مائٽن کي مبارڪن جو سنديش موڪليو. مهاتما کين لکيو ته ديس جي خاطر جي قربان ٿين ٿا تن لاءِ شوڪ ڪرڻ نه جڳائي. آنندو خوشي ۽ فخر ڪرڻ گهرجي.

شهيد هاسارام پمناڻي

شري هاسارام پمناڻي مهاتما گانڌي جي سڏ تي سرڪاري نوڪري ڇڏي اچي آزاديءَ جو سپاهي ٿيو.

روهڙي شهر فقيرن، درويشن ۽ ڀڳتن کان مشهور هئو. ان پوتر ڀوميءَ ۾ شري هاسارام پمناڻي جو جنم ١٠ اپريل ١٨٨٩ ۾ ٿيو. ننڍي هوندي کان ئي سندس خيال ڀڳتي ۽ ستسنگ ڏانهن مائل هئا. بڙودي ۽ پوني ۾ تعليم حاصل ڪري ايم. اي. جي ڊگري حاصل ڪيائين. اُن وقت لوڪمانيه تلڪ ۽ رشي ڏيارام گدومل جو سنگ به هن حاصل ڪيو. هن سوامي ڌرمداس لاڙڪاڻي واري کي گرو ڪيو. هن "ستسنگ ولاس" "ڌرم درشن" اخبار ڪڍي ۽ ڪيترائي ڌرمي پستڪ به ڪڍيائين.

حيدرآباد سنڌ ۾ ماسترن جي ڪاليج جو هيڊ ماستر ٿيو، جو ١٩٢٩ ۾ مهاتما گانڌيءَ جي سڏ تي استعيفا ڏيئي ملڪي ميدان ۾ ٽپي پيو. تلڪ قومي هاءِ اسڪول، تلڪ

هيمو ڪالاڻيءَ جي چاچي ڊاڪٽر منگهارام ڪالاڻيءَ هڪ ننڍين ڇيڙو جوانن جو سوراج سينا منڊل ستاپن ڪيو جنهن ۾ هيمون ڪالاڻي ڀرو وٺندو هو. جڏهن سردار ڀڳتسنگهه ۽ سندس ساٿي گرفتار ڪيا ويا تڏهن هيمون ۽ سوراج سينا منڊل جا ساٿي انهن ويرن بهادرن جا ڪارناما ناٽڪ جي صورت ۾ پيش ڪندا هئا ۽ انهن ماڻهن ۾ اُتساهه ڦوڪيندا هوا.

۱۹۴۲ جي ڀارت ڇڏي وڃو واري آزاديءَ جي تحرڪ جو ناد هيمون جي دل ۾ به وڄڻ لڳو. هو به ٻين جوانن سان گڏ ڌارن جا پول اکيڙڻ ۾ ڀاڱو وٺندو هو.

۲۳ آڪٽوبر ۱۹۴۲ تي هيمونءَ کي خبر پيئي ته هڪ فوجي ريلوي گاڏي سکر پراڻي ۾ سندس گهر جي ڀرسان لنگهي ويندي آهي. جڏهن هو مترڪي سان ريلوي پٽڙن جا فش پليٽ کولي رهيو هو ته هڪ پهريدار کيس ڏسي ورتو. هيمونءَ جا ٻه ساٿي پهريدار کي سامهون ڏسي هليا ويا پر هيمون بيٺو رهيو ۽ پڪڙجي پيو.

پوليس هيمونءَ کي ڏاڍو ستايو ۽ چيڀاٽيو ته پنهنجن ساٿين جا نالا ڏئي مگر هن نالن ڏيڻ کان بلڪل انڪار ڪئي ۽ صبر سان پوليس جون سختيون ۽ ڏاڍايون سهندو رهيو.

هيمونءَ تي فوجي ڪورٽ ۾ مارشل لا قانون هيٺ ڪيس هلايو ويو. جيتوڻيڪ ڏوهه ته هو رڳو فش پليٽ جي ڪڍڻ جي ڪوشش ۽ ان ڏوهه لاءِ کيس جنم ٽيپ جي سزا ڏني وئي پر نردئي برطانوي جي ڪمانڊر هڙي ڇيڙو جوان جي جنم ٽيپ جي سزا ڦاسيءَ ۾ بدلائي. سڄي ڀرانت ۾ هاهاڪار مچي ويو. جنتا گهڻيون اپيلون ڪيون پر

مڙيئي ٻيو ٻاڳاڙي جا بلڪل ڪٽر پوئلڳ هئا.

هيمون ڪالاڻيءَ سکر ڀراٽي وٽ سندس گهر ڀرسان ريلوي لائين جي پٽڻ ڪيڻ جو ڪارڻ پنهنجي سر تي هموار ڪيو جو اها خبر آئي هئي ته هڪ فوجي گاڏي جنگي مال وغيره کڻي اتان لنگهڻ واري آهي.

هيمون ڪالاڻي جو جنم سکر ۾ ١١ مارچ ١٩٢٤ تي ٿيو هو. ڪالاڻي ڪٽنب سنڌ کي ڪيترائي ڊاڪٽر، وڪيل، انجنيئر، ٺيڪيدار ڏنا آهن. هيمونءَ سکر ڀراٽي جي سڪول ۾ مڊل تائين تعليم ورتي ۽ پوءِ تلڪ هاءِ اسڪول ۾ وڃي داخل ٿيو. هن کي بدني ڪسرت ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هو ۽ هو شرير جو چڱو رشت پشت ڀانجي ٿيو. ترڻ ۽ سائيڪل هلائڻ ۾ نپڻ هئو. هو سکر درياءَ ترڻي پار ويندو هو. هو ٽڪرن ۽ چڙهائي تي بخوبي سائيڪل تي چڙهي ويندو هو ۽ وري ڏم سان لهي به ايندو هو. هن ديش جي محبت جو چاهه پنهنجي چاچي ڊاڪٽر منگهارام ڪالاڻي مان پرايو جو هڪ سوتنتر سنگرامي هو.

هيمو ڪالاڻي جڏهن اڃا ڳڀرو جوان هو، تڏهن سڄو وارتالاپ ديش جي پيار سان ڀريل هو. سکر ۽ روهڙيءَ مان ڪيترائي جوان جيل ڏانهن راهي ٿي چڪا هئا. جون تا جڏهن ڀڳتسنگهه کي ڦاسي آئي تڏهن وير بالڪ هيمونءَ جي دل ۾ ديس جي پريم جوالا ڀڙڪو کائي جاڳي. هو ڀڳتسنگهه جي نقش قدمن ۾ هلڻ جا سپنا ڏسي رهيو هو ۽ هن جيان ڦاسيءَ تي چڙهڻ لاءِ تڙپڻ لڳو. هو بعضي ته پنهنجي ڳچيءَ جي چوڌاري رسي وجهي چوندو هو ته، ڪڏهن منهنجو سوڀاڳيه ڪلندو جو ديس جي صدقي پنهنجو سر ٻک ڪرڻ جو موقع ملندو.

خان بهادر الله بخش جو جنم ۱۹۰۳ ۾ ٿيو ۽ ۱۴ مئي ۱۹۴۳ تي يعني ۴۰ سالن جي ڦوهه جوانيءَ ۾ ڪنهن خبيث جي گوليءَ جو نشانو بڻيو.

خان بهادر الله بخش ۱۹۱۷ ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري پنهنجي پيءُ سان ٺيڪيداري ڌنڌي ۾ شامل ٿيو. هو سڀاءَ جو بلڪل ڪلهڪ، رلڻو ملڻو ۽ ڪٽرپڻي کان آجو هو. سندس دوستي هندن سان گهاٽي هوندي هئي.

هن پبلڪ جيون جي شروعات ميونسپال ۽ لوڪل بورڊ معاملات ۾ دلچسپي وٺڻ سان ڪئي. جڏهن هو ۳۳ ورهين جو هئو تڏهن هن جيڪب آباد ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊن جي پريزيڊنٽن ۽ چيف آفيسرن جي هڪ ڪانفرنس ڪوٺائي ۽ پوءِ وري پهرين سنڌ مسلم پوليٽيڪل ورڪرس جي ڪانفرنس ڪوٺايائين.

۱۹۲۶ ۾ خان بهادر الله بخش بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل تي چونڊيو ويو ۽ ۱۹۳۷ ۾ سنڌ جي جدا ٿيڻ بعد هو سنڌ اسيمبليءَ تي چونڊجي آيو.

۱۹۳۷ جي چونڊن لاءِ ڪن ترقي پسند مسلمانن مسٽر شاهنواز ڀٽي جي سرپرستيءَ هيٺ هڪ اتحاد پارٽي ٺاهي جنهن جي ٽڪيٽ تي خان بهادر الله بخش ۽ سندس ڪجهه ٻيا ساٿي چونڊجي آيا ۽ هنن اسيمبليءَ اندر پنهنجي الڳ پارٽي قائم ڪئي.

۱۹۳۸ جي مارچ مهيني ۾ سر غلام حسين جي وزارت کي شڪست ملي ۽ خان بهادر الله بخش ڪانگريس پارٽيءَ جي مدد سان سنڌ جو وڏو وزير بڻيو. ان موقع سان چئجي ڪٿي ته خان بهادر الله بخش جي قومي جيون جي شروعات ٿي ۽ هو ان کانپوءِ وڌيڪ ۽ وڌيڪ قوميت جي

ڪجهه ڪين ورتو.

هيمو ڪالاڻيءَ جي سزا بلڪل خوشيءَ سان سر تي هموار ڪئي ۽ پنهنجي لاڏلي ديش ڀڳت، سردار ڀڳتسنگهه وانگر مشڪندي ڦاسيءَ تي چڙهيو ۽ سنڌس وزن الٽو وڌي ويو. ڦاسيءَ جي ڪوٺڙيءَ ۾ جيڪي به سندس مٽ مائٽ ۽ يار دوست ساڻس ملڻ ايندا هئا تن جي دل وڌندو هو ۽ مائٽن کي چوندو هو ته اوهين ڀاڻ خوش ٿيو جو اوهان کي اهڙو پٽر نصيب ٿيو آهي جو ديش جي آزاديءَ جي صدقي پنهنجي جيون جي آهوتي ٿو ڏئي.

فوجي ڪمانڊر کي ڪيل سموريون اپيلون رد ڪيون ويون ۽ آخر ٢١ جنوري ١٩٤٣ع تي هيمونءَ کي سکر سينٽرل جيل ۾ ڦاسيءَ جي تختي تي لٽڪايو ويو ۽ هن شهادت جو جام پيتو. ڦاسيءَ تي چڙهڻ کيس نيو ويو تڏهن سندس مک مان آخرين شبد نڪتا:

"ڀارت ماتا ڪي جئه"

هند سرڪار هيمون ڪالاڻيءَ جي ياد ۾ ٽپال ٽڪلي جاري ڪري سندس سنمان ڪيو.

اللهه بخش سومرو

خان بهادر اللهه بخش حاجي عمر سومرو سنڌ جي شڪارپور شهر جي زميندار گهراڻي مان هو. جيتوڻيڪ شروعاتي جيون ۾ هو زميندار ۽ ٺيڪيدار هئڻ جي بدولت ڪٽي چڱي ته سرڪار جي طرفداري ڪندڙ ورگ مان هو (جنهنڪري کيس خان بهادريءَ جو خطاب به عطا ٿيو) مگر پڇاڙي جيون ۾ اچڻ بعد هن هڪ حب الوطن ۽ قومپرست نيتا جو رول ادا ڪيو.

ضميمو ١

مهاراشٽر سرڪار پاران، ڇپايل ڪتاب "هسٽري آف نان ڪو آپريشن مومينٽ اِن سنڌ" (١٩١٩-١٩٢٤)، ۾ سرڪاري انگن اکرن جي آڌار تي، ١٣٠ ڄڻن جا نالا ڏنا ويا آهن، جن کي خلافت ۽ اسهڪار هلچل واري دور ۾، راڄنيتي جي جدا جدا ڏوهن هيٺ ڏوهي ٺهرائي، سزاياب ڪيو ويو هو. اهي نالا هيٺ ڏهرائجن ٿا.

قلم ١٢٤ الف (آءِ. پي. سي.) بغاوت

ڳووندانند عرف جوهرمل ٽوڪرام	ڪراچي	٥ سال	جلاوطني منسڪاٽي
نبي بخش خدا بخش	"	١٢ مهنا	سخت پورهئي سان جيل
پير محبوب شاهه پير رشيدودين شاهه (۽ ١٠٨ قلم)	حيدرآباد ضلعو	٣ سال	"
وشنو لڇمارام شرما (۽ ١٥٢ الف)	"	٣ سال	"
شيخ عبدالمجيد ليلارام	"	٢ سال	"
جيرامداس دولترام عالمچنداڻي	"	٢ سال	"
گهنشامداس جيٺانند شوداساڻي	"	٢ سال	"
ڊاڪٽر چوئترام پرتابراءِ گدواڻي	"	(١٨ مهنا سخت جيل ۽ ٥٠٠ رپيا ڏنڊ. ڏنڊ نه ڀرڻ سان ٦ مهنا جيل)	
لوڪرام لڇمارام شرما	"	١٨ مهنا	"
ليلارام نرسنگداس ڦيرواڻي	سکر ضلعو	١٢ مهنا	"
ٽيڪمداس ڏامودرداس	"	١٢ مهنا	"
ڪنيالال ٺاڪرداس	"	٦ مهنا	"
هيمنداس شيوڪرام	ٿرپارڪر ضلعو	٩ مهنا	"

طرف جهڪندو آيو تان جو ۱۹۴۰ ۾ پاڻ ۾ مسلم ليگ جي مقابلي ۾ ڪونسل آل انڊيا آزاد مسلم ڪانفرنس جو هو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو.

مسلم ليگ ۽ مسٽر جناح طرفان خان بهادر الله بخش تي تمام گهڻو دٻاءُ آندو ويو ته قوميت جي پٺ ڇڏي ليگ ۾ شامل ٿئي مگر اُن دٻاءُ هيٺ هو ڪين جهڪيو. هن اڻلندو روزاني ”آزاد“ اخبار ڪولي جنهن جي ذريعي مسلم ليگ خلاف قوميت جو پرچار ڪندو رهيو.

۱۹۴۲ ۾ ٻي مهاڀاري جنگ جي هلندي خان بهادر الله بخش جڏهن سنڌ جو وڏو وزير هئو، تڏهن هن پنهنجا خطاب تياڳيا ۽ برطانيه سرڪار جي هندستان کي جنگ ۾ گهلڻ خلاف هڪ بيان ڪيو. نتيجي روپ سنڌ جي گورنر کيس وڏي وزيري جي عهدي تان موقوف ڪيو.

۱۴ مئي ۱۹۴۳ تي سنڌس اباڻي شهر شڪارپور ۾ کيس ڪنهن پارٽيءَ خبيث گولي هڻي شهيد ڪري ڇڏيو. سنڌ جي مسلم ليگي اڳوان خان بهادر کهڙي تي الله بخش کي خون ڪرائڻ جي تهمت هيٺ کيس هليو مگر هو ان ۾ ڇٽي ويو، جيتوڻيڪ جج کيس شڪ جو فائدو ڏيئي ڇڏيو ۽ فتوي ۾ لکيو ته مان هنکي بلڪل بي داغ نٿو سمجهان.

(نوٽ: مٿيون باب شري جيناند راشٽروادي جي پستڪ ”سنڌي سوتنتر سنگرامين جو گرنٿ“ جي آڌار تي درج ڪيو ويو آهي).

لالچند امر ڏنومل	ڪراچي	١٢	مهنا	سخت	جيل
نئومل ڏامودر		١٢	"	"	"
مطيلال جادوجي وياس	ڪراچي	١٢	مهنا	سخت	جيل

قلم ٠٨- (سي پي سي)

محمد بڪر عبدال قادر	"	"	"	"	"
فتح علي لاٽو	"	"	"	"	"
الله ڏنا محمد حسين	"	"	"	"	"
ڪانجيلال دلپترا	"	"	"	"	"
عبدالڪريم عبدالله	"	"	"	"	"
محمد موسا جمو	"	"	"	"	"
علي محمد پريل	"	٦	"	"	"
سوامي ڪرشنانند	"	١٢	مهنا	"	"
جمال الدين حسن	"	١٢	مهنا	"	"
عبدال حاجي ڪرم دين	"	"	"	"	"
گنگومل ٽاراچند	حيدرآباد ضلعو	"	"	"	"
يار محمد فخرالدين	"	"	"	"	"
الله داد نهال ڪوسو	"	"	"	"	"
اميد علي حسين ٽالپر	"	"	"	"	"
تاجمحمد مولوي (نصرپور)	"	"	"	"	"
محمد موسا (ڪوٽڙي)	"	"	"	"	"
جهمٽمل لکاسنگه جگتياڻي	"	"	"	"	"
محمد بخش رضا محمد	"	"	"	"	"
الله بچايو محمد ڪٽي	"	"	"	"	"
حاجي محمد حافظ اسماعيل	"	"	"	"	"
چوئترام ٽيڪچند وليچا (سکر وارو)	"	"	"	"	"

قلم ٥٠٥ ۽ ١١٧ (آء. پي. سي.)

محمد علي عبدال علي خان ڪراچي ٢ سال سخت پورهئي سان

قلم ٥٠٥ ۽ ١٠٩ (آء. پي. سي.)

حسين احمد سيد حبيب	ڪراچي	٢ سال	"	"
نصار احمد آف ڪانپور	"	٢ سال	"	"
سيف الدين ڪچلو عزيز الدين	"	٢ سال	"	"
پير غلام مجاهد آغا عبدال حميد	"	٢ سال	"	"
شوڪت علي عبدال علي	"	٢ سال	"	"

قلم ١٤٣، ٥٠٤ ۽ ١٤٩-١١٧ (آء. پي. سي.)

ويرومل بيگراج	سکر ضلعو	٢ سال	"	"
يوڄراج موٽومل	"	٢ سال	"	"

قلم ١٠٨ (آء. سي. پي.)

نرسنگلال ٽانومل	ڪراچي	٦ مهنا	"	"
محمد يوسف حاجي محمد	"	٦ مهنا	"	"

قلم ١٨٨ (آء. پي. سي.)

محمد عثمان حاجي محمد ڪٽي	ڪراچي	٦ مهنا	"	"
ڪيسومل ٽيڪچند جهانگياڻي	حيدرآباد ضلعو	١٢ مهنا	"	"

قلم ١٨٨ (آء پي سي) ۽ ١٠٨ (سي پي سي)

عبدالڪريم عبدالله چشتي	سکر ضلعو	٢ سال	"	"

قلم ١٢٣ (سي پي سي)

محمد خان غازي خان	ڪراچي	١٢ مهنا	"	"
محمد عالم غلام علي	" "	" "	"	"
قاضي خدا بخش نبي بخش	" "	" "	"	"
قلندر شاهه جهان شاهه	" "	" "	"	"
موهيئودين ديدالي شاهه	" "	" "	"	"

رمضان عيد محمد	لاڙڪاڻو ضلعو	١٢ مهنا	سخت پورهئي سان
مکڻ فقير لنڊ	ٿرپارڪر ضلعو	"	"
حاجي احمد علي	"	"	"
مولوي محمد امين	"	"	"
گنگا شنڪر پريا شنڪر	"	"	"
عبدالڪريم حاجي محمد (اجمير)	"	"	"
فتح محمد	"	"	"
محمد ڪريم	"	"	"
ڀالومل ڪشنچند	"	"	"
ڀاڳومل عرف ڀاڳچند	"	"	"
دوست علي حاجي ٻگالي ٽالپر	"	"	"
عبدالله حاجي قيصر ماري	"	"	"
مولوي عبدالقيوم ڀالي	"	"	"
پير محبوب علي شاه	"	"	"
محمد صديق عبدالرؤف سومرو	"	"	"
حبيب الله فيض الله جوڻيجو	"	"	"
سچانند ٿيرومل	"	"	"
عبدالله محمد نبي قريشي	"	"	"
ڪيسومل ٽيجومل	"	"	"
ڏرمونمل ڪيئومل	"	"	"
هاسومل چانڊومل	"	"	"
عطاالله شاه علي محمد شاه	"	"	"

غلام نبي عبدل سامي	حيدرآباد ضلعو	١٢ مهنا	سخت پورهئي سان
امان الله عيدن	سکر ضلعو	"	"
چوئٿرام ٽيڪچند وليچا	"	"	"
پمنداس سڳنومل	"	"	"
بلندرام وسندمل	"	"	"
مولچند ويرومل	"	"	"
خوشيرام ڪروڙيمل	"	"	"
تاج محمد در محمد	"	"	"
محمد هاشم الله بخش	"	"	"
يوڄراج موٽومل	"	"	"
وڙهومل واپاريمل	"	"	"
محمد رمضان الله ڏنو ميربحر	لاڙڪاڻو ضلعو	"	"
محمد سهراب ڏٽي بخش مڱسي	"	"	"
پرسرام وشنگهه	"	"	"
پير مغل شاهه، پير مظهردين شاهه	"	"	"
محمد صادق ڏاتار ڏنو	"	"	"
غلام نبي عبدال سميع	"	"	"
محمد رمضان الله ڏنو	"	"	"
اماسنگهه ليوندرام	"	"	"
حڪيم شاهه علي شيرشاهه	"	"	"
مهراج دوارڪاپرساد روچيرام	"	"	"
مولاداد عرف ميان داد	"	"	"
علي بخش چانڊيو			
محمد يعقوب ميمڻ	"	"	"
عبدالڪريم ملا محمد	"	"	"

راءچند ٻنسيرام   اپر سنڌ   ٣٠ رپيا ڏنڊ يا ١٥ ڏينهن جيل
ٺاڪومل ڪلياڻومل   "   ٢٥ رپيا ڏنڊ يا ١٥ ڏينهن جيل

قلم ١٠٩ (سي. پي. سي.)

سڄڻومل ڪيئلداس   سکر ضلعو   ٤ مهنا سخت پورهئي سان جيل
جوهرمل چوهڙمل   "   "   "   "

قلم ٤٢ (پي. ڊي. پي. ائڪٽ)

اڌيپانو ليکراج   لاڙڪاڻو   ٣ مهنا جيل ۽ ٥٠ رپيا ڏنڊ
ٺارومل پوهومل   "   "   "

قلم ٧١ (پي. ڊي. پي. ائڪٽ)

ڀڳوانداس ڦندومل   لاڙڪاڻو ضلعو   ٻه سو ڏنڊ يا ٣ مهنا جيل

قلم ٤٢ (پي. ڊي. پي. ائڪٽ)

محمد رمضان عيد محمد   لاڙڪاڻو ضلعو   ٣ مهنا جيل ۽ ٥٠ رپيا ڏنڊ

قلم ٦١ اي ۽ ٥٣ اي (پي. ڊي. پي. ائڪٽ)

آتم هرنامداس   سکر ضلعو   ٤ مهنا سخت پورهئي سان جيل
جوهڙ رامسنگاڻي   "   ٢ مهنا
ڪشنو رلومل   "   ٢ مهنا

گوبندرام نارائڻداس   ٿرپارڪر ضلعو   ١٢ مهنا سخت پورهئي سان
ڪيمچند چيتنداس   "   "   "
حبيب الله خداداد پنهور   "   "   "
فيض محمد دوست محمد   "   "   "
ڇڳومل عرف چاڳومل سنتداس   "   "   "
محمد نواز محمد عارف   "   "   "

قلم ١٠٧ (سي. پي. سي.)

واڌومل گوڪومل   اپر سنڌ فرنٽيئر   هڪ هزار جي هڪ سال لاءِ ضمانت
چانگومل چوئٿمل   اپر سنڌ فرنٽيئر   هڪ هزار جي هڪ سال لاءِ ضمانت
ڦيرومل ٽيڪچند   اپر سنڌ فرنٽيئر   ٦ مهنا سخت پورهئي سان
ڪوڏومل هيرانند   "   "   "
ٺاڪنداس موٽنداس   "   "   "

قلم ١٠٧ (سي. پي. سي.) ۽ ٦٨ (بي. ڊي. پي. ائڪٽ)

ٽيوندرام ٽيرٿداس   اپر سنڌ   ٢٠ رپيا ڏنڊ ۽ هزار جو ضامن ٦ مهنن لاءِ
ڊاڪٽر مينگهراج چيٺراءِ   "   ٦ مهنا سخت پورهئي سان جيل ۽ هڪ سؤ ڏنڊ
راڌومل ٽيڪومل   "   "   "

قلم ٦٨ (بي. ڊي. پي. ائڪٽ)

گل محمد خوش محمد   اپر سنڌ   ٦ مهنا جيل ۽ ٢٠ رپيا ڏنڊ
قائم دين قادر بخش حڪيم   "   هڪ سؤ ڏنڊ يا ٥٠ ڏينهن جيل
عبدالڪريم عبدالرئوف   "   "   "   "

ٽپيداري

ولي محمد شاهه، اميد علي شاهه (مٽياري)، غلام حسين نظاماڻي (ماتلي)، غلام نبي حاجي واحد بخش، اميد علي دوست محمد، محمد صادق، فتح محمد، حافظ خير محمد، ڪالو هيرانند (حيدرآباد)، محمد يعقوب عبدالمجيد پٺاڻ (شڪارپور)، محمد اسماعيل اللهه ڏنو (تعلقو لاڙڪاڻو)، فتح محمد، غلام نبي، عبدالمجيد (ٿرپارڪر ڊسٽرڪٽ)، محمد هاشم، رازق ڏنو، گل محمد (تعلقو ٺل).

ٻين عهدن تان

عبدل واحد عبدل مالي قاضي (مٽياري سيٽلمينٽ منشي)، سرائي عبدالله (حيدرآباد - فاريسٽ ڊپارٽمينٽ)، امام الدين (برانچ پوسٽ ماسٽر - ڳوٺاسين)، غلام علي غلام (جونيئر ڪلارڪ، سکر فاريسٽ رينج)، عبدالغفور (ڪلارڪ ڊي.ٽي ايس. آفيس، سکر)، عبدالغفور لال خان ڪاڪي پوٽا (ويٽرينري سرجن، ملير)، محمد حسن عبدالغفور ملڪ (منشي، تعلقو آفيس وراهه)، محمد ڪبير (ڪلارڪ، ٽريزري آفيس، ميرپور خاص)، مولشنڪر جادوجي وياس (پيس سپلاءِ ڊيپو، ڪياماڙي، ڪراچي)، غلام محي الدين (گارڊ، خانپور اسٽيشن)، نيڻومل (گارڊ، روهڙي)، عبدل حليم امام بخش (سنڌ ڪئنال ڊويزن)، قاضي غلام نبي عبدل سامي (گارڊ، اين. ڊبليو ريلوي)، مير حضر خان واحد بخش (پوليس ٽريننگ اسڪول، ناسڪ).

انهن کانسواءِ ٣٥ پوليس جا سپاهي ۽ ٻين کاتن مان، ننڍين نوڪرين تان، ڪيترن سارن سڏ اونائي، سرڪاري نوڪريون ڇڏي.

ضميمو ٢

مهاراشٽر سرڪار پاران، ڇپايل ڪتاب، "سنڌ ۾ اسهڪار هلچل" ٻڌاندڙ، جن سنڌين پنهنجن عهدن تان استعفا ڏني، پنهنجا لقب ۽ شرف ڇڏي، قومي سڏ اونايو، سي هن ريت آهن: هاسومل ٻهرمل شوداساڻي (حيدرآباد) اسسٽنٽ ڪليڪٽر سورت، غلام محمد ولي محمد پرڳڙي، انڊين ليجسليٽو اسيمبلي ميمبر.

وڪالت

شري ڪشن هري گوانداس، لڇمندرام گوڪلداس، مرزا غلام دستگير، (ڪراچيءَ مان)؛ عبدالجبار محمد يعقوب، پهلاجراءِ سکاوتراءِ گدواڻي، رتنسنگهه گدومل ملڪاڻي (حيدرآباد مان)؛ مولچند ڦيرومل، لکاسنگهه ڪرمچند، هرجنداس روپچند (سکر مان)؛ رئيس جان محمد جوڻيجو (لاڙڪاڻي مان).

ماستري

تاراچند ڏيئومل گاجرا، ايم. اي. (هاءِ اسڪول، شڪارپور)؛ سکرامداس ٽلسيداس، ميٺارام ايسرداس، نانڪرام جيٺورام پمپاڻي (هاءِ اسڪول، لاڙڪاڻو)؛ حمزو عرف امير بخش محمد خان مهر هيڊ ماستر سنڌي اسڪول، همبيا تعلقو سکر)؛ حاجي عبدالله محمد عاقل (اسڪول ماستر، منجهواڻي تعلقو ميهڙ.

بندوق جو ليسن، درٻارين ۾ ڪرسي ۽ آنري ماجسٽريٽي

حاجي محمد شاهه، حاجي مرادل شاهه، سيد الله بچايو شاهه حسن علي شاهه (مٽياري)؛ امين الدين نجيب الدين (حيدرآباد).

آنري ماجسٽريٽي

مير محمد بلوچ (ڪراچي)؛ حاجي غلام محمد مراد علي خان نظاماڻي (ماتلي)؛ ولي محمد ناٿ خان (ڏيرو محبت).

بندوق جو ليسن ۽ دربار جي ڪرسي

فضل علي شاهه، شجاع محمد شاهه، پير غلام مجدد پير عبدالحليم، شاهه عالم شاهه حسين شاهه، حاجي الله بخش شاهه، مير سيد (ٽنڊي ميرڪ)، عبدالله سيد قنبر علي شاهه، حاجي نور محمد شاهه جمن، حاجي محمد بوهر نور محمد، پير بخش خان، خليفو دريا خان ولي محمد خان چانڊيو، ارباب فضل علي منهال (بدين تعلقو).

دربار ۽ ڪرسي

سيد غلام حسين شاهه، حاجي ابراهيم خميسو چانڊيو (ٺٽو)، عبدالرحيم شاهه محمد رحيم شاهه (سجاول)، زين الدين شاهه ميران محمد شاهه، علي اصغر شاهه عبدالله شاهه (غني)، پير جمال الدين پير تراب علي (نوشهرو)، وڏيرو شير محمد فيض محمد پنهور (ڪشمور)، غلام قادر پٽو (نال).

تعلقي لوڪل بورڊ جي ميمبري

حاجي محمد يعقوب بلين (حيدرآباد)، محمد اسحاق شاهه (سامارو)، ساڄن جيرام ڪرار (چاچرو).

بندوقن جا ليسن

شهر علي خان محمد خان نظاماڻي، محمد خان احمد خان نظاماڻي، احمد علي خان محمد خان نظاماڻي، حاجي غلام حسين سيد محمد خان نظاماڻي، شيخ محمد يوسف سيد عبدل خالق حليم، پير محبوب شاهه پير رشيد احمد شاهه (ماتلي)، نصيرو خان خاصخيلي، حاجي حمزو نامت خان (بدين)، بلاول شاهه حاجي جان محمد لاشاري، محمد خان فتح خان پنهور (تعلقو سامارو)، پير محمد علي خان سرهندي، محمد هاشم سومرو (تعلقو امرڪوٽ)، بهاول مريد لاشاري (تعلقو ڏگري).

C-S
102

هن سلسلي ۾ ٻيا ڪتاب

١- آزاديءَ جي لڙت ۾ سنڌ جو ڀاڱو (انگريزي) ٥٠ رپيا

٢- آزاديءَ جي لڙت ۾ سنڌ جو ڀاڱو (سنڌي) ٥٠ رپيا

٣- آزاديءَ جي لڙت ۾ سنڌ جو ڀاڱو (هندي) پريس ۾